



ڪمپوزنگ: آفتاب احمد

وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر
www.voiceofsindh.net
editor@voiceofsindh.net

# انتساب

**هي ڪتاب سنڌ جي قومي رهبر ۽ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي ساٿي سائين جي. ايم سيد جي نالي منسوب ڪريون ٿا.**

**جنهن هميشه ڌاڍ ۽ جبر جو مقابلو ڪندي**

**سنڌي قوم کي جيئڻ ۽ وجود جي بقا جو احساس ڏياريو**

**۽ آزادي جي راهه ڏيکاري.**

هو جو پوڙهو جهور وڙهندي ٿيو ويڙهه ۾.

(اياز)

# مترجم طرفان ٻہ لفظ

ڪامريڊ حيدربخش جتوئي سنڌ جي تاريخ جو اهو نامور فرزند آهي، جيڪو پنهنجي قربانين ۽ سورهيائي سببان، سڄي سنڌ جي عوام لاءِ فخر جو باعث رهندو. ڪامريڊ حيدربخش جتوئي پنهنجي 25 سالن جي سياسي زندگي دوران، اُن وقت جي سنڌ جي حالتن ۽ سنڌ سان لاڳاپيل مسئلن ۽ مونجهارن تي گهڻيون لکڻيون اسان کي ڏنيون آهن. جنهن جي اڪثريت انگريزي ۾ آهي. جن مان ڪي اسان هن ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. هن ڪتاب جي ترجمي مهل منهنجي ذهن ۾ ٿلهي ليکي هيٺيان سبب هئا:

1. ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جون سڀ لکڻيون، چاڪاڻ تہ اُن وقت جي مسئلن، سياسي حالتن متعلق آهن. تنهن ڪري اهي سڀ سنڌ جا تاريخي دستاويز آهن. جن مان اسان کي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ صوبن عمومن ۽ ون يونٽ کان پوءِ خصوصن سنڌ سان ٿيل ظلم ۽ نا انصافي جا اعتبار جوڳا تفصيل ملن ٿا. ۽ گڏوگڏ غدار سنڌي وڏيرن جي مڪارين ۽ پنهنجي ئي قوم جي ماڻهن (هارين) سان ظلم جي روئداد پڻ، تنهن ڪري اسان جي سڄي نوجوان نسل کي اهي لکڻيون، سنڌ جي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جي تاريخ سمجهڻ لاءِ لازمي نصاب طور پڙهڻ گهرجن.

هڪڙي ڳالهہ جيڪا ڪامريڊ جي لکڻين مان ظاهر آهي تہ پنجابي سامراج پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هڪ لمحي لاءِ بہ، ٻين قومن کي غلام بنائڻ کان واندو نہ ويٺو آهي. انهيءَ جي شروعات ون يونٽ کان پوءِ ٿئي ٿي. ڪامريڊ جتوئي جهڙن ماڻهن کي تڏهن ئي سنڌ جي وجود جي خطري ۽ غلامي جا آثار نظر اچڻ لڳا هئا. جيڪي پوءِ جي ملٽري راڄن دوران پڪا پختا ٿي، ظاهر ظهور ننگا ٿي پيا هن. ۽ سنڌ جو هر ٻچو ٻچو ڪي ظاهر ظهور، ڪي لڪ ڇُپ ۾ ان جو اظهار ڪري پيو. پر ڪامريڊ 32 سال اڳ پنهنجي هن ڪتاب جي شروعات هن جملي سان ڪريو ٿو.

To be not or to be, that is the question for us sindhis to day

ترجمو: ”اسان سنڌين لاءِ اڄ سوال هجڻ ۽ متجي وڃڻ جو آهي.“

2. اڄ ڪلهہ اسان جا ڪي ترقي پسند دوست هارين جي قومي سياست ۾ ڀرپور حصو وٺڻ کي بورجوا سياست جو آلہ ڪار سمجهن ٿا. ۽ طبقاتي سياست کان منهن موڙڻ جي برابر ٿا سمجهن. انهن تي هنن لکڻين کي پڙهڻ کانپوءِ اها ڳالهہ واضح ٿيڻ گهرجي تہ سنڌ هاري ڪاميٽي تنهن دور ۾ پاڪستان جي سڀ کان وڌيڪ مضبوط ۽ فعال هارين جي جماعت هئي. پر ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ انهن جي جدوجهد جي ايجنڊا تي مکيہ ترين مسئلو ون يونٽ خلاف جدوجهد رهيو

آهي. سنڌ ۾ انهيءَ دور ۾ ڪنهن مضبوط سنڌي نقطهء نظر جي ترجمان سياسي جماعت جي غير موجودگي ۾ اهو ڪارج سنڌ هاري ڪميٽي بخوبي انجام ڏنو. ڪامريڊ جي سياسي زندگيءَ جو وڏو حصو، جيڪو جيل ۾ گذريو، انهيءَ جو ٻه مُک ڪارڻ ون يونٽ جي خلاف جدوجهد هو. ڪامريڊ جي پڇاڙي گهڙي تائين شديد خواهش هئي ته ون يونٽ ٽٽي ۽ سنڌ پنجاب جي بالادستي کان آجي ٿئي. جنهن جو شاهد سندس آخري انٽرويو آهي.

3. ڪامريڊ جي لکڻين مان هڪ ٻي ڳالهه جنهنجو پتو پوي ٿو، سا هي ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي قوم کي ڪڏهن به سياسي اقتدار ۾ زري ماتر به ڀاڱي ڀائيوار نه ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ حڪومتون ائين ٺهنديون ڀڄنديون رهيون آهن جيئن واريءَ جا گهر . . ان سڄي وقت اسان سان جيڪو سياسي رويو واجب رکيو ويو آهي. انهيءَ مان اسان جي غلام هئڻ جو اظهار ٿئي ٿو. دنيا ۾ ٿيل ڪوڙ سارين سياسي دوکن ۽ بدمعاشين کي قائم رکڻ لاءِ سهڻا نقاب اوڍايا ويا آهن. جيئن پاڪستان ۽ پنجاب جي حاڪميت قائم رکڻ لاءِ نظريهء اسلام، ملڪي يڪجهتي ۽ نظريهء پاڪستان وغيره.

جن جو ذڪر ڪامريڊ هن پنهنجي لکڻي ۾ ڪيو آهي. ساڳي نموني اسان جا ڪاٻي ڌر جا دوست ڪي لاشعوري طرح پنجاب جي انهيءَ مستقل مفاد جي بچاءُ، سوشلزم، پورهيت ڀائيچاري ۽ عوامي جدوجهد جي عظيم اکُوائن جي نالن جا نقاب اوڍي ڪن ٿا. جڏهن قومي ظلم ۽ قومن جي حِق خودمختياري ۽ آزادي جو ذڪر ڪبو ته ڪي روايتي طور مٿو لوڏيندا، ڇاڪاڻ ته سوشلسٽ لٽريچر ۾ انهيءَ لاءِ ناقابلِ ترديد حقيقتون موجود آهن. پر انهيءَ سلسلي ۾ هر عملي جدوجهد کي وڏيرڪي قوم پرستي، جارحانه قوم پرستي، پورهيتن کي ويڙهائڻ جي سازش چئي رد ڪري، انهن مستقل مفادن جي پوئواري ڪن ٿا. اهي سڌ ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي قدآور شخصيت کي پنهنجي ڍال طور استعمال ڪن ٿا. ڪامريڊ جي لکڻين شايع ٿيڻ کانپوءِ سندن قلعي کلي پوندي. ڪامريڊ هن لکڻي جي پڇاڙي ۾ پنجاب جي پورهيت ۽ عام ماڻهو جي سلسلي ۾ ڏاڍو پُراميد آهي ته اهي ڪڏهن به سنڌ تي ون يونٽ مڙهڻ نه ڏيندا. ڪن نام نهاد ترقي پسندن ڪامريڊ جي پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ اظهار ڪيل انهن نيڪ خواهشن جو ناجائز استعمال ڪيو آهي. 1984ع کان 1970ع تائين جيستائين ڪامريڊ حيات هو 16 سالن جي تجربي ڪامريڊ تي اها ڳالهه ثابت ڪئي ته پنجاب جا فوجيءَ سول ڪامورا، جاگيردار ۽ سرمايه دار ته پري، پر عام ماڻهو ۽ پورهيت به هڪ دفعو به ون يونٽ ۽ سنڌ ۽ ٻين قومن سان ٿيل ظلم لاءِ آواز نه اٿاريو. الٽو جڏهن سنڌ ۽ ٻين قومن ون يونٽ ۽ پنجاب جي خلاف آواز اٿاريو ته انهن تي

پٽر اڇلائڻ ۾ انهن کي واجب القتل سمجهڻ وارن ۾ پنجاب جي مستقل مفاد سان گڏ اتي جو عام ماڻهو بہ برابر جو شريڪ هو. ان جا سبب الگ بحث جو موضوع آهن.

ڪامريڊ پاڪستان کي مضبوط بنائڻ جو بہ خواهان آهي. پر برابري جي بنياد تي، پنجاب کي پاڪستان سان نہ پر پنهنجن مفادن سان دلچسپي آهي. پاڪستان ٽٽي تہ ڇا؟ رهي تہ ڇا!. جنهن جو عملي ثبوت پنجابين بنگال جي ٽٽڻ وقت ڏنو. اسين پنهنجو نقطهٔ نظر عرض رکندي هي ترجمو پڙهندڙن آڏو رکون ٿا. اميد تہ هي ترجمو سنڌ جي نئين صورتحال ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.

اوهان جو پنهنجو

احمد بلوچ

# ايءَ نـہ مارن ريت

اڄ پنجابي سامراج سنڌ کي پوري طرح پنهنجي بيٺڪ بنائي ۽ سنڌين کي اقليت ۾ آڻي سندن وجود کي هميشہ هميشہ جي لاءِ ختم ڪرڻ جون سازشون سٽي رهيو آهي. انهي جي مقابلي ۾ سنڌي قوم وري پنهنجي وجود ۽ بقا جي جنگ وڙهي رهي آهي. اسان ڏسي رهيا آهيون تہ اها ويڙهہ، پنجابي سامراج طرفان سنڌين کي ختم ڪرڻ جي ويڙهہ ۽ سنڌين طرفان پنهنجي وجود ۽ بقا کي برقرار رکڻ جي جدوجهد روز بروز تيز ٿيندي پئي وڃي. اڄڪلهہ اسان جي ملڪ جون اخبارون، رسالا، سياسي ليڊرن جون بيان بازيون، اسيمبلين اندر بحث مباحثا، توڙي ريڊيو، ٽيليويزن ۽ دنيا جي پريس، اهي سڀ سنڌ جي مسئلي تي مضمونن ۽ مقالن، تبصرن ۽ تجزين سان پريون پيون آهن.

سنڌ ملڪ اندر بہ مختلف ڌريون انهي مسئلي تي پنهنجي پنهنجي طريقي سان مهم هلائي رهيون آهن. ڪي ماڻهو انهيءَ خيال جا آهن تہ سنڌ جو مسئو پاڪستان جي مئسلي کان الڳ ڪو مسئلو آهي ئي ڪونہ، پر اهو مسئلو پاڪستان اندر پارلياماني جمهوريت واري مقصد جو هڪ حصو آهي، تنهن ڪري سندن چوڻ مطابق جڏهن بہ عام چونڊون ٿيون، اسيمبليون وجود ۾ آيون ۽ پارلياماني جمهوريت بحال ٿي تہ سنڌ جو مسئلو خودبخود حل ٿي ويندو.

ٻيا دوست وري چون ٿا تہ سنڌ جو مسئلو هن علائقي ۾ آمريڪي سامراج جي بالادستي ۽ ملڪي سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ انقلاب دشمن قوتن جي ڦرلٽ قائم رکڻ واري پاليسي جو حصو آهي، تنهن ڪري اهي دوست فرمائين ٿا تہ پاڪستان ۾ رهندڙ سڀني قومن جي مظلوم طبقن جي گڏيل جدوجهد ۽ سامراج دشمن محاذ ٺهڻ سان ئي سنڌ جو مسئلو حل ٿي سگهندو.

هاڻي اهي سڀ ڌريون پاڻ کي ترقي پسند چورائين ٿيون. پنج ڏهہ سال اڳ ڪيترا ترقي پسند دوست سنڌ جي مسئلي جي موجود هجڻ کان ئي انڪار ڪندا هئا پر اڄ هن مسئلي کان انڪار ڪري نٿا سگهن ۽ اهوئي سبب آهي جو ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان سنڌ جي مسئلي جي موجود هئڻ جو اقرار ڪن ٿا. نہ رڳو ترقي پسند، پر هن ملڪ جون چاتل سڃاتل رجعت پسند قوتون بہ اڄ اِهو مڃين ٿيون تہ سنڌ ۾ قومي مسئلو برابر موجود آهي پر اهو ٻاهرين قوتن جو پيدا ڪيل آهي ۽ مسئلي کي هو وري هندن، ڪميونسٽن ۽ اسلام توڙي ملڪ دشمن ماڻهن جي سازش ڄاڻائين ٿيون.

پاڻ ڪي ترقي پسند سڏرائيندڙ دوست، جن جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون، انهن جي حڪمت عملي آهي ته ڪل پاڪستان بنيادن تي تنظيمون ٺاهي ۽ انهن جو گڏيل محاذ جوڙي جمهوريت جي دشمن فوجي توڙي شهر ڊڪٽيٽرن سان جنگ وڙهي پاڪستان ۾ عوامي جمهوري انقلاب آڻڻ سان ئي سيني قوميتن جا مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا ۽ سندن چوڻ مطابق جيڪڏهن انهي رستي ڪي چڏي پيو ڪو طريقو اختيار ڪيو ويو ته عوام جي طاقت ورهائجي ويندي ۽ عام ماڻهن ۾ پاڻ ۾ ويڙهه شروع ٿي ويندي. پاڪستان ۾ اها پاليسي اڳ ۾ به اختيار ڪئي ويئي هئي ۽ مختلف وقتن تي موجود ڊڪٽيٽرن خلاف گڏيل محاذ ٺاهي، ڪانفرنسون توڙي تحريڪون هلايون ويون آهن.

ايوب خان جي ڊڪٽيٽرشپ ختم ڪرڻ لاءِ جمهوري مجلسِ عمل (D.A.C) وجود ۾ آئي. يحيٰ جي ڊڪٽيٽرشپ خلاف پهرين متحده جمهوري محاذ (U.D.F) ۽ پوءِ پاڪستان قومي اتحاد (P.N.A). ۽ ان کان پوءِ تازو وري جنرل ضيا جي ڊڪٽيٽرشپ خلاف 1973ع جو آئين بحال ڪرائڻ ۽ انهي آئين تحت چونڊون ڪرائڻ لاءِ جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ (M.R.D) قائم ڪئي وئي.

اسان کي خبر آهي ته پاڪستان جي سموري سياسي تاريخ ۾ ڪل پاڪستان جي بنيادن تي جڏهن به ڪا ڪانفرنس ٿيي آهي يا ڪا تحريڪ هلائي وئي آهي ته ان ۾ سنڌي بلوچ ۽ پٺاڻ قومن جي خودمختياري جي مسئلن کي هميشه پاسيرو رکيو ويو آهي ۽ هر وقت بهانو اِهو ڏنو ويو آهي ته ان طرح مختلف قومن جو پاڻ ۾ جهيڙي ٿيڻ جو امڪان آهي ۽ ان طرح سندن چوڻ مطابق عوام جي جمهوري تحريڪ ڪمزور ٿي ويندي، يعني پارلياماني جمهوريت جي بحالي مظلوم ۽ غلام قومن جي قومي حقِ خودمختياري کان وڌيڪ اهم آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي قومي خودمختياري جي سوال کي اسان جي نام نهاد ترقي پسند دوستن هميشه پنهنجي پروگرام ۾ شامل ڪونه ڪيو آهي. افسوس ته ان ڳالهه جو آهي ته ڪل پاڪستان بنيادن تي هلايل انهن سيني تحريڪن ۾ انتها پسند ڪميونسٽن کان وٺي جماعتِ اسلامي جهڙن ڇاٽل سڇاٽل امريڪي ايجنٽن توڙي وڏيرن، چوڌرين ۽ نوڪرشاهي جي گماشتن کي ته شريڪ ڪيو ويو پر غلام قومن جي نمائندن ۽ سندن نقطهٔ نگاهه يعني قومي خودمختياري جي مسئلي تي بحث ڪرڻ به گوارا نه ڪيو ويو.

سنڌ جي عظيم فرزند، ترقي پسند دانشور ۽ هارين جي محبوب اڳواڻ ۽ سنڌ جي خودمختياري بحال ڪرائڻ لاءِ پنهنجو تن، من ۽ ڌن قربان ڪندڙ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جا به نندا سياسي

ڪتاب پيش ڪرڻ ۾ اسانجو خاص مقصد سنڌ جي ترقي پسند سياسي ڪارڪنن کي اهو سمجهائڻ آهي ته اسان جي قومي خودمختياري جي مسئلي کي نام نهاد ترقي پسند اڳواڻ ڪيئن سٺن ۽ سهڻ لفظن ۽ انقلابي نعرن جي پردي ۾ لڪائي ڇڏين ٿا. هن ملڪ جي چاتل سڃاتل رجعت پرست قون جي ارادن ۽ سازشن کان اسين سڀ واقف آهيون، پر ڏک اهو آهي ته پاڻ کي ترقي پسند سڏائيندڙ تنظيمون به ٿلهي ليکي ساڳي ڳالهه ڪن ٿيون، ليڪن گهمائي ڦيرائي مقدس نعرن جي آڙ ۾. اسان چڱي طرح سمجهون ٿا ته انقلاب انقلاب چوڻ سان انقلاب نه ايندو، جو ته جيستائين اسان جي سماج جو صحيح ۽ سائنسي تجزيو نه ڪبو ۽ انقلاب آڻيندڙ قوتن جي سڃاڻپ نه ڪبي ۽ انهي چندچاڻ مطابق سياسي حڪمت عملي نه ٺاهبي تيستائين نه سوشلسٽ انقلاب ايندو ۽ نه وري قومي جمهوري تبديلي ايندي. سائنس کي مذهب سمجهي سوشلزم سان شاعراڻي محبت ڪري يا گذريل انقلابي اڳواڻن جي ڪتابن کي پڙهي يا ڪن ملڪن ۾ انقلاب کان اڳ واري حڪمت عملي جيئن جو تيئن اختيار ڪرڻ سان ڪوبه مقصد حاصل نه ڪري سگهبو.

هاڻي ته اهي نام نهاد ترقي پسند ڌريون سنڌ ۾ صفا وائکيون ٿي پيون آهن ۽ ڏسجي ٿو ته سندن پروگرام توڙي حڪمت عملي ناڪام ٿيڻ سبب منجهن نه رڳو نظرياتي اختلاف ٿي پيا آهن پر ڏسجي ٿو ته سندن پنهنجي اڳواڻي ۾ اعتبار ڪونه رهيو آهي. ڪجهه وقت کان اسان اهو به ڏسون پيا ته اهي نام نهاد ترقي پسند دوست سنڌ جي انهن فرزندن جو سهارو وٺي رهيا آهن، جن سنڌ وطن جي آزادي، سنڌي ماڻهن جي عزت ۽ وقار کي نه رڳو پنهنجو نظريو پر پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻايو. انهن قومي مجاهدن ۽ سرفروش فرزندان مان سنڌ جي هڪ مجيل سپوت ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جو نالو خاص طور استعمال ڪيو پيو وڃي. سال ۾ ٻه ٽي دفعا ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جون جهڙيون تهڙيون ورسيون ملهائي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ته حيدربخش جتوئي انهن ترقي پسند دوستن مان هو ۽ ملڪي سياست ۾ به انهن سان شريڪ هو ۽ اهي دوست به انهي جا پوئلڳ آهن ۽ انهن جي سياسي سوچ سورنهن آنا سچ آهي، پر سندن چوڻ مطابق سنڌ جا قوم پرست ۽ قومي خودمختياري جي جنگ ورهندڙ اها ڳالهه سمجهي نٿا سگهن.

انهي ڳالهه کي، يعني قومي خودمختياري جي مسئلي کي وڌيڪ صفائي ۽ چِٽائي سان بيان ڪرڻ لاءِ اسان پنهنجي طرفان ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي لکڻين:

1. To Be or not to be that is the question for us Sindhis today
2. One Unit and Democracy

جو ترجمو هن ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون ته جيئن اسان جا ساٿي ۽ عام سياسي ڪارڪن پاڻ پڙهي اِهو اندازو لڳائي سگهن ته ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي سوچ سمجهه، عقل، عمل ۽ هنن نام نهاد ترقي پسند همراهن جي قول ۽ فعل توڙي سياسي پروگرام ۽ حڪمتِ عملي ۾ ڪيترو فرق آهي.

حقيقت ۾ اهي سڀ نام نهاد ترقي پسند ڏريون سيني غلام قومن جي آزادي ۽ خودمختياري ۽ انهن ۾ به خاص طرح سنڌ ۽ سنڌين جي آزادي جي سخت خلاف آهن. پر ڏسجي ائين ٿو ته اخلاقي جرئت نه هئڻ سبب اِهي منافق سنڌين جي قومي جدوجهد کي ڌڪ هڻڻ لاءِ ئي پاڻت پانت جا انقلابي نظريا ۽ انقلابي شخصيتن ۽ تحريڪن جو سهارو وٺن ٿا.

درحقيقت انهن جي انهي منافقانه ڪردار جو خاص سبب سندن غير سنڌي ۽ مفادپرست شهري وچولي طبقي جي قيادت آهي. (Non Sindhi Privileged Urban Middle Class) اها قيادت پنهنجي ذهني بناوٽ جي لحاظ کان سامراجي ثقافت جو هڪ نه ٽٽندڙ حصو آهي. انهيءَ مسئلي تي ڪنهن به پئي هنڌ وڌيڪ روشني وجهبي.

ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي شخصيت، ڪردار ۽ سندس سياسي عمل کان هر سنڌي واقف آهي. اسين سنڌ جي هن عظيم سرفروش جو نالو سنڌي قوم جي قومي آزادي ۽ خودمختيار جي خلاف استعمال ٿيڻ ڪڏهن به نه ڏينداسون.

هن ڪتاب ۾ شامل لکڻين مان هڪ جو ته عنوان ئي آهي:

"To be or not to be that is the question for us sindhis today."

ترجمو: ”بقا جي جنگ وڙهون يا هميشه لاءِ ختم ٿي وڃون. اهو سوال اڄ اسان سنڌين اڳيان آهي.“

ڪتابچي جو اِهو عنوان، جيڪو ڪامريڊ 25 سال اڳ لکيو هو، سو اڄ جي حالتن ۾ اسان جو حقيقي نعرو ٿي پيو آهي. اڄ هر سنڌي اهو محسوس ڪري ٿو ته بقا جي جنگ وڙهڻ يا هميشه ختم ٿي وڃڻ کان سواءِ ڪا ٽين راهه اسان سنڌين لاءِ نه آهي.

انهي ڪري اچو ته پنهنجي بقا جي جنگ وڙهون هميشه ختم ٿي وڃڻ اسان ڪي هرگز قبول نه آهي ـــــ هٿيار ڦِٽا ڪرڻ يعني Capitulation يا غلامي قبول ڪرڻ واري پاليسي اسان رد ڪريون ٿا. پوءِ اها ڪهڙي به مقدس نظريي تحت اسان جي اڳيان پيش ڪئي وڃي.

ڪي ڳالهيون ڪامريڊ جي خيرسگالي جي جذبي تحت پمفليٽ ۾ ڏنيون آهن جيڪي 25 سال اڳ ته ڪامريڊ چئي سگهيو ٿي. پر پاڻ سنڌ جي آزادي ۽ خودمختياري جي سوال کي جيڪا اهميت ڏيندو هو ۽ جيڪا اهميت انهي سوال جي پنهنجي پمفليٽ ۾ ڄاڻائي اٿس ۽ جهڙي چِٽي ۽ ڪليل سوچ سنڌ متعلق سندس هئي، ته يقين سان چئي سگهجي ٿو ته پنجويهه سال گذرڻ بعد اڄ جي حالتن ۾ ڪامريڊ ڪڏهن به نه چئي ها. اِها وضاحت ان ڪري ضروري آهي هئي جو ترقي پسند چورائيندڙ ڌريون ڪامريڊ جي خيرسگالي تحت چيل ڳالهين کي به سنڌين خلاف استعمال ڪري سگهن ٿيون.

اوهانجو پنهنجو

دريا خان

مئي 1987ع

باب پهريون

# وجود جي بقا لاءِ جنگ وڙهون

# يا

# هميشه لاءِ ختم ٿي وڃون---

# To be or not to be is the Question before us Sindhis today

# وجود جي بقا لاءِ جنگ وڙهون يا هميشه لاءِ ختم ٿي وڃون اهو سوال اڄ اسان سنڌين جي اڳيان آهي.

سنڌ ”برطانوي گهاڙ جو انتظامي يونٽ“ ناهي. سنڌ ته ان وقت به تهذيب يافته ملڪ هو جڏهن برطانيه اڃا سماجي ترقي جي وحشيانه دور ۾ هو. موهن جو دڙو پنج هزار سال پراڻي سنڌ جي تهذيب جو زنده ثبوت آهي. ”سنڌو“ درياءَ پنهنجو نالو سنڌ کان ئي ورتو آهي. قديم يونانين ان جي ”س“ کي ”الف“ ۾ بدلائي ”انڊس“ چيو ۽ ان جي ماٿري کي ”انڊس ماٿري“ سڏيو. ان ئي لفظ ”انڊس“ مان انڊيا، انڊو ـ چائنا، انڊونيشيا، انڊيز، ريڊ انڊين، انڊيانا (U.S.A) وغيره جهڙا لفظ ڦٽي نڪتا.

ٻوليءَ جي ڄاڻو ماهرن جو خيال آهي ته ”بناوٽ ۽ ترڪيب جي لحاظ کان سنڌي ٻولي ويدي ـ سنسڪرت ۽ پراڪرت کان وڌيڪ قديم ۽ سگهاري ٻولي آهي.“

سنڌ ۾ ڪيترين ئي تهذيبون، جهڙوڪ بابلي، مصري، يوناني، فارسي، عربي، هندو وغيره ملي جلي رهيون آهن. ان ڏس ۾ پيو ڪوبه خطو سنڌ سان پيش ٿيو سگهجي. تنهن ڪري ان ۾ ڏنڊين آڳرين اچڻ جي ڳالهه ناهي ته سنڌ کي پنهنجي پاڙيسرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اعلىٰ سيپتا آهي. (سنڌ پنهنجي ان مَان کي انوکي نموني ماڻي ٿي.)

پنجابي تهذيب فارسي جي اچڻ کان بعد جي پيداوار آهي. ان جو فارسي نالو پنجاب پڻ اهو ظاهر ڪري ٿو. جنهن جو مطلب آهي ته ”پنج : پنج“، آب: پاڻي يا دريا (جهلم، چناب، راوي، بياس، ستلج). اصلي پنجاب جي ورهاڱي کان پوءِ ته اها پنجاب به نه رهي آهي، پر حقيقت ۾ ان کي ”چار آب“ (چار دريا) يا ”سياب“ (ٽي دريا) چوڻ گهرجي.

اڄ تائين پنجابي کي ان جي پنهنجي ماڻهن طرفان ٻوليءَ جو درجو به ڪونه ڏنو ويو آهي، حالانڪ اها صدين کان تقريبن ٽي ڪروڙ پنجابين جي گهرو زبان طور ڳالهائي وڃي ٿي. ٻولي ۽ تهذيب جي تاريخ ۾ اهو هڪ چيڙائيندڙ باب آهي ته هڪ خطي جي ايتري وڏي آباد پنهنجي ٻولي کي وڌائڻ ۾ ناڪام ٿي هجي؛ ۽ جنهن پنهنجي مادري زبان پنجابي کي ڇڏي اردو کي سرڪاري ٻولي لاءِ ترجيح ڏني هجي. اردو جنهن جي عمر 250 سال مس آهي. اردو (جنهن جي ترڪي اصليت (ارد:

فوجي خيمه گاهه ظاهر ڪري ٿي) زوال پذير مغل دور ۾ ان جي شاهي فوج ڪان شروع ٿي. شايد برطانوي راڄ جو پنجابين جي هن مصنوعيت ۾ هٿ هو. ڇاڪاڻ ته پنجابين برطانوي راڄ جي مفادن جي رکوالي جنگ جي ميدان (مسلم مسوپوٽيما، ترڪي، مصر، هندستان) ۽ آفيسن ۾ پوري وفاداري سان ڪئي هئي. پنجابي شاونسٽن (chauvinists) گهٽي عرصي تائين پاڻ کي هندستان ۾ برطانوي راڄ جو "ساڄو هٿ" چوڻ تي فخر محسوس ڪيو. (شايد پراڻيون وفاداريون اڃا جاري آهن.)

ان پس منظر ۾ محمد علي يا اسڪندر مرزا جو اهو چوڻ ته سنڌ برطانيه جو گهڙيل هڪ انتظامي يونٽ هو نه صرف حقيقتن کي ٽوڙڻ مروڙڻ آهي پر لاعلمي جو اهڃاڻ پڻ.

سنڌ جي حوالي سان جيڪڏهن برطانيه ڪجهه ڪيو ته اهو 1844ع ۾ سنڌ جو بمبئيءَ سان زوري الحاق هو. جنهن سنڌ ۽ سنڌين جي مفاد کي ڳاتي پڳو ڇيهو رسايو. سنڌي هن ظالمانه الحاق خلاف "آزاد سنڌ تحريڪ" جي صورت ۾ اٿي کڙا ٿيا ۽ آخرڪار 1936ع ۾ سنڌ جي وجود کي محفوظ ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. برطانيه جيڪڏهن ڪا صحيح ڳالهه نه ڪئي ته اُها اِها هئي ته ڪڇ، ملتان ۽ بلوچستان جي علائقن کي سنڌ ۾ بحال نه ڪيو ويو. ڇاڪاڻ ته لساني، تهذيبي، نسلي، تاريخي ۽ جاگرافيائي ڳانڍاپن سبب اهي علائقا سنڌ جا فطري حصا هئا.

ساڳي ڳالهه ٻئي مکيه يونٽ (نارٿ ويسٽ فرنٽيئر پراونس) لاءِ ٿتي چئي سگهجي، ڇاڪاڻ ته برطانيه 1901ع ۾ پنهنجي سامراجي مفادن جي مناسبت ۾ پنجاب جي ضلعن منجهان ٺي ان کي ٺاهيو هو.

سنڌ کي صوبو چوڻ لفظ جو غلط استعمال آهي. سنڌ هڪ ملڪ آهي ۽ سنڌي هڪ قوم. ساڳي طرح پنجابي ۽ بنگالي پڻ قومون آهن. پاڪستان دراصل پارت ۽ روس وانگر هڪ قومي رياست نه پر گهڻ ـ قومي رياست آهي. برطانوي سامراجيت جيڪا جديد سائنسي سوچ، فن ۽ صنعت سان آراسته هئي. پنهنجي شعبده بازي سان دور دراز ملڪن ۽ قومن کي بظاهر هڪ ٽانوَ (انڊين امپائر) ۾ ڏبي ڇڏيو ۽ سنڌ، بنگال، گجرات، مهاراشٽر ۽ پنجاب وغيره ڪوماڻجي "صوبا" ٿي ويا. قوم جي سياسي وصف جي سيني معيارن ـــ ساڳي ٻولي، ساڳيو علائقو، گڏيل ثقافت ۽ ڪردار (ذات ۽ مذهب جي ماتحت حيثيت جو هجڻ) مطابق سنڌي هڪ قوم آهي.

سنڌ پنهنجي شاندار بندر ڪراچي، سٺ لک (هاڻوڪي وقت مطابق ساڍا پنج ڪروڙ) آبادي ۽ تقريبن پنجاهه هزار مربع ميل علائقي سان هڪ خودمختيار رياست جي حيثيت ۾ رهي سگهي ٿي.

جيڪڏهن مثال طور هيٺيون رياستون الڳ، آزاد ۽ خودمختيار رياستن جي حيثيت سان رهي ۽ اقوام متحده جون ميمبر ٿي سگهن ٿيون.

(نوٽ: آدمشماري جا انگ اکر پراڻي وقت جا آهن، وقت سان گڏوگڏ آبادي ۾ اضافو يا گهٽتائي ايندي رهي آهي)

| | رياست جو نالو | آدمشماري (لکن ۾) | پکيڙ (مربع ميل) |
|---|---|---|---|
| 1 | سنڌ | 60 | 50000 |
| 2 | عراق | 47 | 116000 |
| 3 | شام | 30 | 171000 |
| 4 | سيلون (سري لنڪا) | 36 | 25000 |
| 5 | ڊينمارڪ | 40 | 16000 |
| 6 | چلي | 40 | 286000 |
| 7 | گوئٽالا | 37 | 45000 |
| 8 | فلسطين | 19 | 10,000 |
| 9 | نيوزيلينڊ | 18 | 103000 |
| 10 | پيراگوا | 15 | 61000 |
| 11 | هنگري | 93 | 35000 |
| 12 | ڪوستاريڪا | 8 | 23000 |
| 13 | پناما | 6 | 28000 |
| 14 | بيلجم | 83 | 12000 |
| 15 | نيدرلئنڊز (هاليند) | 47 | 12000 |
| 16 | البانيہ | 10 | 10000 |
| 17 | لگسمبرگ | 3 | 1000 |

آخري رياست تہ آبادي ۽ پکيڙ جي لحاظ کان سنڌ جي لاڙڪاڻي ضلعي کان بہ گهٽ آهي. آبادي جي لحاظ کان سنڌ عراق، شام، ڊينمارڪ، چلي وغيره کان وڌيڪ آهي ۽ رقبي جي لحاظ کان سيلون (سري لنڪا)، فلسطين، هنگري ۽ بيلجم سنڌ کان گهٽ آهن.

تنهن ڪري 22 نومبر 1954ع جي ون يونٽ اسڪيم واري نشريات ۾ وزيراعظم جو اهو چوڻ ته 44 ملين جي آدمشماري سان مشرقي پاڪستان کي هڪ صوبائي حڪومت هجي ۽ 34 ملين واري مغربي پاڪستان ۾ چار صوبائي حڪومتن جو هجڻ غير منطقي آهي، پڻ غير منطقي آهي.

وزير اعظم جي مثال مطابق ته لندن پنهنجي هڪ ڪروڙ آباديءَ تي هڪ ميئر رکي ٿو، تنهن ڪري سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد صوبا جن جي آبادي تقريبن ساڳي آهي، پڻ هڪ ميئر جي انتظام هيٺ هجڻ گهرجن.

# سنڌي ۽ صوبائيت

سنڌين تي ”صوبائيت“ جي تهمت مڙهي وڃي ٿي، جيڪا حقيقت حال جي هوندي سراسر غلط آهي. جيڪڏهن سنڌين تي ڪو بهتان لڳائي سگهجي ٿو ته اهو آهي ٻن شين جو: فراخدلي ۽ وسيع النظري

سنڌ پنهنجي قيمتي موتي ڪراچي کي پاڪستان جي گادي بنائڻ جي پاٽمرادي آڇ ڪئي. سنڌ ۾ ئي هزارين غير سنڌي ـــ پنجابي ـــ پٺاڻ وغيره سنڌين جهڙائي حق ماڻي رهيا آهن.

سنڌ هميشه پنهنجي قومي مفادن تي اثر پوڻ جي باوجود مرڪز سان سهڪار ڪيو آهي. مهاجرن کي وري آباد ڪرائڻ جي سلسلي ۾، سنڌ جي ضرورتن جي وسيلن کي مدنظر رکجي ته اهو معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ان سلسلي ۾ ٻي ڪنهن علائقي سان ڀيٽي نٿي سگهجي. کوکراپار سنڌ پناهگيرن جو شاهي رستو آهي جنهن وسيلي پاڪستان (سنڌ) اندر مهاجرن جا ڪٽڪ اچن پيا. پنجاب مهاجرن لاءِ عملي طور بند آهي.

ان جي باوجود افسوسناڪ ڳالهه هي آهي ته پنجاب ئي سنڌين تي ”صوبائيت“ جو الزام مڙهي ٿي.

(The boot is one the other leg)

پنجابين سنڌ اندر معمولي رقم جي عوض هزارين ايڪڙ ہني ورتي، حالانڪ هي پنجابي

| استيشن جو نالو | انگريزي اتارو | اردو اتارو |
|---|---|---|

1905ع کان سنڌ اندر رهن پيا، پر هنن پاڻ کي هميشہ پاسيرو رکي پنهنجون الڳ آباديون، ادارا، اسڪول، پئنچائتون وغيره رکيا آهن. سنڌين سان پائيچاري واري واٽ 50 سال گذرڻ جي باوجود هنن ڪونہ سکي ۽ ورتي آهي. سنڌ ٽيئنسي ايڪٽ 1950ع کي نظرانداز ڪندي پنجابي زميندار سنڌ اندر سنڌي هارين کي بيدخل ڪري پنجاب مان هاري گهرائيندا رهيا آهن.

پنجاب اندر ڪنهن بہ سنڌي يا غير پنجابيءَ کي اتان جي حڪومت هڪ ايڪڙ ہني بہ ڏيئي سگهي. زراعت کاتي جي هڪ ذميدار سنڌي آفيسر مون کي ٻڌايو تہ هنن حڪومتِ پنجاب کي سٺي باسپتي چانورن جي ٻج لاءِ چيو هو، پر نتيجي ۾ هنن (پنجاب حڪومت) هڪ بيڪار گاڏڙ جنس موڪلي ڏني. ڪاروباري مقصدن لاءِ جنس تيار ڪرڻ لاءِ سال لڳندا آهن ۽ ان سلسلي ۾ نج ٻج جو هجڻ ضروري آهي. پنجابي ٿا چاهين تہ سنڌ اندر ڪو ان ميدان ۾ هنن جو مقابلو ڪري. ساڳي صورتحال پنجابي فارمن جي آهي جيڪي سنڌين کي ميون جا ٻج ڏيڻ پسند نٿا ڪن.

جتي بہ ٿي سگهي ٿو پنجابي شاونسٽ پنهنجي فائدي مان هر غير پنجابي کي خارج ڪرڻ ضروري ٿا سمجهن. ريلوي، جنهن جو هيڊ ڪوارٽر لاهور ۾ آهي، هڪ سنڌي بہ ڪونہ ملندو. سروسز ۾ سنڌين جي نمائندگي (سنڌ اندر محدود سنڌي ڪولين کان علاوه) مشڪل سان هڪ سيڪڙو ٿيندي.

برطانيہ جي ڏينهن ۾ ريلوي استيشن جا نالا انگريزي، اردو ۽ سنڌي ۾ هوندا هئا، پر پاڪستان ٺهڻ بعد لاهور اٿارٽيز سنڌي لکٽي کي متائي ڇڏيو آهي. مزي جي ڳالهہ هي آهي تہ سنڌي نالن جا اچار انگريزي نالن تان اتاري پنجابي ڪاتبن انهن نالن کي ئي ٽوڙي مروڙي ڇڏيو آهي. ان ڪاريگريءَ جو هلڪو نمونو هيٺين فهرست مان ڏسي سگهجي ٿو:

| | | |
|---|---|---|
| پليجاڻي | Palijani | پالی جانٌ |
| منڊو ديرو | Mandodairo | مانڈو ڈیرو |
| ڏهرڪي | Daharki | ڈا ہرکی |

| | | |
|---|---|---|
| ڪنڊيارو | Kandiaro | كناڑرو |
| ڪلهوڙا | Kalhora | كاا ور |
| سن | Sann | سان |
| سيهڙ | Sihar | س ار |

ڇا هي ثقافت جي اهم ترين جزي ٻوليءَ تي حملو ناهي؟

”قوم زنده ٿي رهي، پر جي زبان زندهہ رهي.“

۽ اهو بہ پنجاب جي ڌرتيءَ تي ئي ٿي سگهي ٿو تہ احمدين کي ملحد سڏي معصوم ٻارن، عورتن ۽ ٻيوسن جو وحشيانہ قتل ”الله جي نالي ۾“ ڪيو وڃي.

پنجاب جي ئي سرزمين تي مسلمانن لکين سکن ۽ هندن جو ڪوس ڪيو ۽ هندن لکين مسلمانن کي تاراج ڪيو. مذهب جي نالي ۾ اهڙن ڪڌن ڪرتوتن انسانيت جو خون ڪري مشرق جو ڪنڌ شرم کان جهڪائي ڇڏيو.

جيستائين حب الوطني جو تعلق آهي. اهي پنجابي ڀاڙيتا سپاهي ئي هئا جن برطانوي سامراج پاران مسلمان عربن، ترڪن ۽ ايرانين جو خون وهايو. ساڳي پنجابي سپاهين جليانوالا ۽ ميرٺ ۾ پنهنجي ئي هم وطنن جا سينا پروڻ ڪيا. سندن سچي نسل کي ان بيغرتيءَ لاءِ پنهنجا ڳاٽ شرم ۾ جهڪائڻ گهرجن. وطن دوستن جي قطار ۾ انهن جو نمبر تہ آخري هجڻ گهرجي. پنهنجي ان ڪاري باب کي ميسارڻ لاءِ پنجابين کي گهرجي تہ هُو سنڌين ۽ بنگالين ڏانهن مائيٽائي ۽ نيازمندي وارو رويو اختيار ڪن.

هي تلخ سچ منهنجي پنجابي ڀائرن کي ٿي سگهي ٿو ايذاءُ رسائيندو هجي. پر هنن کي گهرجي تہ سنڌين تي ”صوبائيت“ جا پٿر اڇلائڻ بدران انهن ڏکوئيندڙ حقيقتن مٿان سوچين.

گذيل هندستان ۾ مسلمانن جي علحدگي واري جدوجهد دوران هندو شاونسٽن مسلمانن خلاف ”فرقيواريت“ جو لفظ گهڙيو هو. مسلمانن جي گُهر ڪيتري بہ مناسب ۽ تاريخي هئي، هندن ان کي ”فرقيواريت“ چئي قوم ـ دشمن ۽ غير محب وطن سان هم معنىٰ بنايو. اسانجي پنجابي ليڊرن بہ ساڳي پراڻي مهارت ڏيکاري، ”صوبائيت“ جو لفظ ايجاد ڪيو آهي. جڏهن سنڌي، بنگالي يا پٺاڻ

پنهنجي جائز حقن جو تحظ گهرن ٿا ته بهتاني پنهنجي ”صوبائيت“ کي هندن واري ”قوم پرستي“ جهڙن وڏن لفظن ۾ لِڪائي انهن (سنڌين، بنگالي، پٺاڻ) تي ”صوبائيت“ جي تهمت لڳائن ٿا.

اهي ساڳيا عنصر ۽ اخبارون جن ڪاميابيءَ سان ڪراچيءَ کي ان جي مهمان نوازيءَ جي سلي ۾ ”وسيع تر قومي مفاد خاطر“ هڪ وڏيڪ يونٽ (ڪراچي ايريا) چئي سنڌ کان ڌار ڪيو هو ۽ ان جي رقبي ۽ اثر ۾ ڪمي آندي هئي، سي هاڻي ان جي ابتڙ ويندي زور ڀرن ٿا ته ”وسيع تر قومي مفاد ۾ مغربي پاڪستان لاءِ ون يونٽ هجي“. حقيقت درحقيقت هيئن آهي ته هر ڀنهي صورتن ۾ جيڪو وسيع تر قومي مفاد لِڪل آهي، سو پنجاب جو مفاد آهي. سنڌ کي ئي ڇيهي رسائڻ لاءِ ائين ڪيو پيو وڃي.

ساڳيو پنجاب جيڪو مغربي پاڪستان ۾ پنهنجي مفادن لاءِ ”ون يونٽ“ چاهي ٿو، سو اوير بنگال کان وري برابري ۽ ٻيا حق گهري ٿو. حالانڪ بنگال جي آباديءَ جي انگن اکرن کي نظر ۾ رکندي پنجاب کي ائين چوڻ جو ڪو حق ناهي.

پنجابي صوبي پرستن کي سنڌ اندر اڳ جيڪو ڪجهه حاصل آهي ـ زمينون، نوڪريون، ڪاروبار ـــ ان کان هو مطئمن ناهن. هاڻي هنن جي ٻُک سنڌ جي وسيلن تي مڪمل ظابطي لاءِ ئي آهي. ۽ جيڪڏهن سنڌي مزاحمت ڪن ٿا (جيڪا فطري آهي ۽ درست پڻ) ته انهن مٿان ”صوبي پرستي“ جو الزام مڙهيو وڃي ٿو.

## حڪومتِ پاڪستان ۽ هاري

مسٽر علي محمد راشدي اهو راڳ آلاپيندو رهيو آهي ته ون يونٽ ۾ زميندراي راڄ جو خاتمو ايندو ۽ زميندراي راڄ کي ختم ڪرڻ لاءِ وري مرڪز سچو ڏيهه چڏي سنڌ ۾ محمد ايوب کهڙو کي چونديو آهي. ايوب کهڙو جيڪو سزا يافته ۽ ڇهن سالن لاءِ نااهل قرار ڏنل هڪ نِرچو هاري دشمن زميندار آهي، جنهن کي معمولي هارپ جي حقن تي به خار آهي.

ڇا وڏي يونٽ ۾ سنڌي ۽ پنجابي زميندار هارين جا جگري دوست ٿي ويندا؟ ناممڪن.

مرڪز وڏي يونٽ جي نمائندگي ڪري ٿو. مرڪز هارين لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ ڪجهه به نه!

سنڌ جو هاري چڱن ڏينهن ڏسڻ جي اميد ۾ پاڪستان لاءِ وڙهيو ۽ مسلم ليگ کي ڪامياب ڪرايائين. انهيءَ آسري ۾ ته هو ان زمين جو مالڪ ٿيندو جنهن کي هو ڪيڙي رهيو آهي. هن کي ڇا مليو ـــــــــ؟ هن جي حالت ورهاڱي کان اڳ کان به بدتر آهي.

پاڪستان کان اڳ 30 سيڪڙي کان وڌيڪ ٻني هندن جي ملڪيت هئي. جنهن کي مسلمان هاري ڪيڙيندا هئا. هندن جي لڏپلاڻ هارين ۾ ڪو قيرو نه آندو. پر جڏهن مهاجر سنڌ ۾ آيا ته انهن اصلي هارين کي ڇڏيل زمين جو 50 سيڪڙو مهاجرن جي حوالي ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

الاٽمينٽ جو سڄو اختيار سنڌ گورنمنٽ کان کسي آبادڪاري جي ڪمشنر جي حوالي ڪيو ويو. جيڪو پگهار سنڌ گورنمنٽ کان کڻندو هو ۽ ماتحت به ان جو هو. پر جوابدار مرڪز ڏانهن هو نڪي سنڌ گورنمنٽ ڏانهن. انهن سيني سالن ۾ ڪو نه ڪو پنجابي ئي ڪامورو انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. سنڌي ڪامورن کي سوچي سمجهي انهيءَ عهدي لاءِ نه چونڊيو ويو. ڇو ته پروسو نه هو. نتيجتاً انفرادي سطح تي سنڌي هارين جي جائز حقن کي ايڏو ته ڇيهو رسيو جو سوچيندي لڱ ڪانڊارجيو وڃن.

1950ع ۾ سنڌ گورنمنٽ هڪ سنڌ ٽيننسي ايڪٽ پاس ڪيو. جنهن تحت محدود هارين کي محدود حق ڏنا ويا. جڏهن ته هارين جا بنيادي مطالبا رد ڪيا ويا.

اويڪيو زمين جي هارين جي سلسلي ۾ اهي محدود حق به مرڪزي گورنمنٽ جي احڪامن تحت واپس ورتا ويا. سنڌ جو روينيو ڪمشنر پنهنجي سرڪيولر نمبر 0-1048:6/51 تاريخ 5 مئي 1951ع تي مرڪز جي انهيءَ نقطي کي کڻندي فرمائي ٿو ته پاڪستان جي 1947ع واري آبادڪاري آرڊيننس جو ڇوٿون نمبر فقرو 1950ع واري سنڌ ٽيننسي ايڪٽ سميت سيني قانون کان بالاتر آهي. تنهن ڪري سنڌ جا هاري اويڪيو زمين جا حقدار ٿي نٿا سگهن. تنهن ڪري ڪوبه مهاجر سنڌ ٽيننسي ايڪٽ کي نظرانداز ڪندي ڪنهن به قانوني حقدار هاري کي بيدخل ڪري ڪنهن ٻئي کي ان جي جاءِ تي رکي ته جائز آهي. ڪنهن به قانوني ايڪٽ جي مقصدن کي آفيسر شاهي جي حڪم ذريعي شڪست ڏيڻ جو اهو انوکو مثال آهي.

انهن تعصبن تي اها ڳالهه واضح هجي ته آرڊيننس صرف لڏي ويل هندن جي مفادن کي متاثر ڪري سگهي ٿو نه ڪي ٽين ڌر ـــ يعني هارين کي.

انهي ڪري سنڌ جي وڏيرن جيڪو پري سان ٽيننسي ائڪٽ تحت جيڪو فائدو هارين کي ڏنو، سو به مرڪزي سرڪار جي وڏيرن ڏرتي ڪيڙيندڙ هارين کان کسي ورتو.

انهيءَ جي ابتڙ ايم ـ جي قادر، عرفان الله، غفران الله وغيره وغيره جهڙن وڏن ماڻهن کي لکها، ڪروڙها رپين جي زمين، انڊيا ۾ ڇڏي آيل مُٺ پڳڙن ملڪيت جي پيٽ ۾ بي حساب ڪسٽوڊين ڊپارٽمينٽ طرفان الاٽ ڪئي ويئي.

هارين ۽ سندن ورڪرن وزيراعظم ۽ گورنر جنرل کي سندن دورن جي دوران ڪيتريون ئي درخواستون ڪيون، ڪيترائي پيرا مظاهرا ۽ جلسا ڪيا. پر اهي وڏيرن سان گڏ مانين ۽ شڪارن ۾ مشغول رهيا. هارين جي سلسلي ۾ بي عزتي واري بي پرواهي جو مظاهرو ڪيو اٿن. تنهن ڪري پاڪستان، هارين جي حالت بدتر ڪئي آهي نه ڪي بهتر. هاري انهيءَ حالتن ۾ ون يونٽ مان ڪهڙي اميد رکي سگهن ٿا. جڏهن ته خود مرڪزي حڪومت ئي ساڻن ڪريل برتاءُ ڪري ٿي. عوام جي گهٽائي، جنهن ۾ هارين جي زبردست گهٽائي آهي، ان جي زندگي سڌارڻ بابت حڪومت جون دعوائون کوکليون لڳن ٿيون.

# خوش قسمت افغانستان

پاڙيسري ملڪ افغانستان هڪ خودمختيار رياست آهي ۽ اقوامِ متحده جي ميمبر آهي. انهيءَ جي آدمشماري ۽ وسيلا تقريباً پنجاب جي اڌ برابر آهن. خوش قسمتي سان افغانن کي انگريزن فتح ڪرڻ کان هٿ ڪڍي ڇڏيو. ڇو جو انگريزن هندستان جي سلطنت ۽ روس جي وچ ۾ هڪ آزاد بفر رياست طور رکڻ بهتر ڄاتو. جيڪڏهن انگريز افغانستان کي فتح ڪري وٺن ها ته انگريز هندستان ۾ هڪ صوبي طور شامل ڪن ها. انهيءَ صورت ۾ اڄ اهو پاڪستان ۾ هجي ها. اسان جا پنجابي سياستدان افغانستان کي به هڪ الله، هڪ اسلام ۽ هڪ قرآن جي نالي ۾ اولهه پاڪستان واري ون يونٽ واري اسڪيم ۾ شامل ڪن ها. پٺاڻو! خدا جو شڪر ڪريو جو اها صورتحال اوهان لاءِ پيدا نه ٿي.

وڏي ڳالهه ته انگريزن جي اشارن تي چوڌري خليق الزمان انگريز نواز پاڪستان جي هٿ هٿي ۾ سيني مسلم رياستن، افغانستان، ايران، عراق، شام، سعودي عرب ۽ مصر وغيره کي آڻڻ لاءِ جيڪو اسلام جو نعرو بلند ڪيو. ڇا مسلم رياستن اهو منصوبو قبول ڪيو؟ انهي کي نفرت سان رد ڪيو ويو.

وزيرِ اعظم جو اهو حوالو ته ”اسڪاٽ لينڊ انگريز سلطنت ۾ مضبوطي سان ڳنڍيل آهي“ بنهه غير معقول آهي. اسڪاٽ لينڊ کي رضا خوشي سان نه پر زوري زبردستي سان ڳنڍيو ويو آهي. اسڪاٽ لينڊ به آئرلينڊ وانگيان سچو وقت حاڪم انگريز طرفان مصيبت جو شڪار رهيو آهي. اسڪاٽلينڊ ۾ انگلينڊ جي طوق مان آزادي لاءِ جدوجهد وڏي رهي آهي، ۽ آئرلينڊ وانگيان ڪاميابي انهن جو نصيب آهي.

وڏين سلطنتن جو زمانو ويو، هاڻوڪو زمانو عام ماڻهو ۽ سيني قومن، ننڍين قومن جي خود اختياري جو زمانو آهي. عظيم سوويت روس ۾ موجود رياستن کي پنهنجا سفارتي تعلقات رکڻ، پنهنجي فوج رکڻ سميت تمام گهڻا اختيار ڏنا ويا آهن. سوويت يونين هڪ رياست ناهي پر سوويت سوشلسٽ رياستن جو اتحاد آهي. انهن رياستن کي آزاد ٿيڻ جو حق به حاصل آهي. انهي حق سوويت يونين کي ٽوڙيو نه پر وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي. اسان جي پاڪستاني اڳواڻن کي ويجهڙائي واري تاريخ جا اهڙا مثالي سبق وسارڻ نه گهرجن.

خود وڏي انگريز سلطنت به آهستي آهستي ڏاڪي به ڏاڪي خودمختيار ملڪن ۾ ورهائجي پيئي، جيڪي ڪنهن زماني ۾ سندس غلام هئا. خودمختيار ملڪن جو پنهنجي رضا خوشي سان ڳانڍاپو، مضبوط ترقي پذير، سياسي ادارن ۽ رياستن جي بهتر شڪل آهي. جيتوڻيڪ اهو ضروري ناهي ته انڊيا اسان لاءِ مثال بڻجي، پر هندستان ۽ پاڪستان ۾ تمام گهٽيون هڪ جهڙايون آهن. انڊيا هڪ تمام وڏو ملڪ آهي. انهيءَ کي پاڪستان کان وڌيڪ زبان ۽ ثقافت جا مسئلا درپيش آهن. انهيءَ جي باوجود به انڊيا ۾ يڪجهتي يا هندو ڌرم جي نالي ۾ صوبن ۽ رياستن کي ڳنڍڻ جي ڪا به چرپر ڪانهي. ان جي ابتڙ ماڻهن جي خواهشن جو احترام ڪندي آندرا [1] پرديش رياست جوڙي ويئي آهي ۽ اهڙيون پيون رياستون جڙنديون آهن.

---

[1] نوٽ: حيدرآباد دکن جي نظام زور زبردستي سان پرپاسي وارين رياستن تي قبضو ڪري هڪ وڏي حيدرآباد دکن رياست قائم ڪئي. آزادي کان پوءِ هندستان جي سرڪار اتي جي عوام جي مطالبن کي قبول ڪندي حيدرآباد دکن جي رياست کي ٻولي، ثقافت ۽ قومن جي مجيل اصولن جي بنياد تي آندرا پرديش ۽ ڪرناٽڪ رياستن ۾ ورهايو. (مترجم)

قانوني طور ڳالهائيندي، اسان جي موجوده آئين تحت (انڊيا گورنمنٽ ائڪٽ 1935ع جيڪو پاڪستان ۾ بہ ان وقت لاڳو هو) پاڪستان گورنري صوبن جي فيڊريشن آهي، ۽ ڪوبہ صوبو ختم ٿئو ڪري سگهجي. (البتہ ڪو بيو صوبو ڪنهن آرڊيننس يا ڪي ٻي طرح جوڙي سگهجي ٿو.)

## ٻڙي خرچ جو دليل

وزيراعظم جو اهو دليل تہ ون يونٽ جي ڪري وڏا اقتصادي فائدا ٿيندا، بنهہ بي معنىٰ آهي. مرڪزي سرڪار خرچ گهٽائڻ لاءِ ڪيترائي بهتر اپاءَ وٺي سگهي ٿي. جڏهن سنڌ جي ليجسليٽو 60 ڪان وڌيڪ ميمبرن 111 جي هائوس مان عبدالستار پيرزادي جي برطرفي جو مطالبو ڪيو تہ مرڪز چو پيرزادي جي مدد ڪئي ۽ وزيرن جو تعداد 6 مان وڌائي 12 ڪيو ويو. تڏهن اقتصادي بچت جي موجوده سو ڪيڏانهن ويئي؟ اهو محسوس ڪيو پيو وڃي ون يونٽ واري بچت جو دليل صرف ٻاهريون ڏک آهي. هزارين سرڪاري ادارا بيروزگاري جي هنج ۾ اڇلايا ويندا جيڪي اسان جي پڙهيل لکيل طبقي لاءِ اقتصادي مسئلا پيدا ڪندا.

## جمهوريت يا آمريت

اهو جمهوري عمل يا طريقو ئي هو جنهن تحت غلام محمد جهڙو ماڻهو جيڪو نہ تہ نواب، راجا يا امام هو. پر معمولي بينڪ ميمبر مان وڏي موجوده عهدي تي پهتو. جنهن تي هو بجا طور فخر ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ملڪ کي صحيح جمهوري طريقن تي هلائڻو آهي تہ ان کي اڳتي وڌائڻو پوندو نہ ڪي پوئتي.

اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ هٽلر ۽ مسوليني جهڙا اسان کي موقعا ۽ قوت ناهي، جو اهڙا خطرناڪ تجربا ڪري سگهون، جن کي هو بہ ڪامياب نہ ڪري سگهيا. ملٽري آمريت ذريعي انهن پنهنجن ملڪن کي اهڙي اوڙاهہ ۾ اڇلايو، جنهن مان هو اجا تائين جند ڇڏائي نہ سگهيا آهن. پاڪستان ۾ فوجي عنصرن کي همٿائي مسٽر غلام محمد دنيا جي سڀ کان وڏي اسلامي رياست

ڪي ايراني ۽ مصري رستي ڏانهن ڌڪي رهيو آهي. ۽ فرنڪ ٽائين جو اهو خونخوار درندو پيدا پيو ڪري جيڪو ڪيس ۽ سندس ساٿين کي اوڙاهه ۾ اڇلي تباهه ڪري ڇڏيندو.

اِها ڪيڏي نه بدقسمتي آهي جو اسانجا حڪمران ملڪ کي اهڙي رستي تي وٺي آيا آهن جتي عوام، ماڻهو، خيال، جمهوريت، ترقي، پورهيو، سبب، دليل جهڙا قيمتي مقدس لفظ ممنوع قرار ڏنا پيا وڃن. برطانوي سامراج جي تربيت يافته ٺورڙن سرڪاري ڪامورن جي لئي جي بڪ وڏي وڃي، حد ڪئي آهي ۽ سياسي سوچ تي هڪ هٽي قائم ڪئي آهي. ساڳيا ماڻهو وڏي وات اهي اعلان به ڪن ٿا ته اهي صرف سپاهي آهن.

مسٽر اسڪندر مرزا هڪ سپاهي جي حيثيت ۾ عوام ۽ عوامي آواز خلاف پنهنجي مڪمل نفرت جو اظهار ڪيو آهي. انهي ڪري هن نه صرف عوام جي بيعزتي ڪئي آهي، پر پاڪستان جي بين الاقوامي ساک کي به وڏو ڌڪ هنيو آهي. ته پاڪستان جا ماڻهو عمومي طرح سوچڻ ۽ آواز اٿارڻ جي قابل ئي ناهن. سوال اِهو آهي ته ڇا مسٽر مرزا انهيءَ ڳالهه تي پيشيمان آهي يا بضد آهي. پڪ ئي پڪ هو پنهنجي ضد تي قائم آهي. ٻي طرف هي ۽ مسٽر غلام محمد عوام جي سوچ کي درست ڪرڻ لاءِ ڇا ڪري رهيا آهن! پڪ ئي پڪ فوجي رستو. اهو رستو به سڌارڻ وارو نه آهي.

هرگز نه رسي به ڪعبه اي پنجابي،
اين راهه ڪه مي روي به انگلستان است.

## ماهرن جي ڪميٽي

وزيراعظم ون يونٽ واري منصوبي جو مسودو ماهرن جي هڪ ڪميٽي جي حوالي ڪيو آهي. اهي ماهر ڪير آهن ــــ ؟ انهن کي ڪنهن چونڊيو آهي ــــ ؟ اها اڳيئي خبر آهي ته اهي پنجابي ماهر پنجابي ڪامورا يا انهن جا چاڙتا هوندا. ماهرن جي اِها رپورٽ ڪئي وڃي. هر قانون پلي ڪيڏوئي نيڌڙو چونه هجي، عام رواجي طرح انهيءَ لاءِ عوام کان تجويزون ۽ رايا گهرايا وڃن. انهيءَ لاءِ چڱو وقت ۽ موقعو ڏنو وڃي. اهڙي مستقل نوعيت جي مسئلي کي، جنهن کي سنڌي پنهنجي زندگي ۽ موت جو مسئلو سمجهون ٿا، اها جلد بازي واري پاليسي شديد مخالفت، نفرت ۽ شديد ويڙهه پيدا ڪندي.

# بچاءُ وارو مڪر

زال مڙس يا ٻن ڀائرن جي وچ ۾ زوري ڳانڍاپو به اڻ وٽندڙ ڳالهه آهي. ”جيئو ۽ جيئڻ ڏيو“ نه صرف ذاتي زندگي پر سياست ۾ به خوش ۽ پُرامن زندگي جو اصول آهي.

وزيراعظم پنهنجي 22 نومبر 1954ع واري تاريخ ساز ريڊيائي اعلان ۾ پنجاب جي 54 سيڪڙي جي پيٽ 40 سيڪڙو نمائندگي قبول ڪرڻ واري فراخدلي جو ذڪر ڪيو آهي. مون تي يقين ڪريو ته اهي 30 سيڪڙو يا اجان گهٽ تي به راضي ٿي ويندا. اهي بهاولپور ۽ سرحد تي انحصار ڪري سگهن ٿا. انهي کان به وڌيڪ سنڌ جي کهڙي ۽ راشدي جهڙن ماڻهن تي ڀاڙي سگهن ٿا. جيڪي هاڻي کان ئي نظرِڪرم حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي جفاڪشي ڪري رهيا آهن. وڏي ڳالهه ته اها رعايت به صرف ڏهن سالن لاءِ آهي. ڪهڙي خاطري ته هڪ سال کانپوءِ اها مهرباني واپس نه ورتي وڃي.

اڳ ۾ ئي لاهور جي جوابدار اخبارن ۾ سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان لاءِ انهن لفظن مان صوبائيت جا بوءِ جا آواز اٿاريا ويا آهن. ڪراچي کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ وقت اصلي رهاڪن لاءِ تحفظن جو وعدو ڪيو ويو هو ڇا انهيءَ تي عمل ڪيو ويو آهي؟ سنڌي زبان کي ڪراچي يونيورسٽي جي نصاب مان خارج ڪيو ويو آهي ۽ ٻيون ڪيتريون اهڙيون زيادتيون ڪيون ويون آهن. جنهن جو افسوسناڪ نتيجو هي نڪتو آهي جو اصلي باشندا پاڻ کي پنهنجي سرزمين تي ڌاريان ٿا سمجهن.

چوڌري محمد علي به مهينا اڳ واعدو ڪيو هو ته اسان کي 25 ڊسمبر 1954ع تي آئين ملندو. انهيءَ ڏينهن تي اسين ڇا حاصل ڪري رهيا آهيو. اسانجي سياستدانن جي وعدن تي ڪهڙو پروسو. پنجاب جا اڳواڻ پنهنجي اها فراخدلي ۽ تحفظ پاڻ وٽ رکن. سنڌ کي پنهنجا مسئلا پاڻ بنا ڪنهن جي مداخلت ۽ ڦرلٽ جي نبيرڻ ڏيو. سنڌي پنجابين جي انهيءَ فراخدلي لاءِ سدائين شڪرگذار رهندا

# سنڌ جي تباهي ۾ سنڌ جي نمائندن جي نااهلي

۾ سال اڳ جڏهن سنڌ اسيمبلي جي موجوده ميمبرن ووٽ ورتا هئا. تڏهن سنڌ کي پنجاب سان ضم ڪرڻ جي ڪابه ڳالهه نه هئي. نه ئي انهيءَ مسئلي کي رواجي طرح ووٽرن جي اڳيان رکيو ويو هو. تنهن ڪري انهن ميمبرن کي سنڌ جي تباهي جي خطرناڪ مسئلي تي ووٽ ڪرڻ جو ڪوبه اختيار ڪونهي. اها ڳالهه به قابلِ ذڪر آهي ته مرڪز رواجي طريقي سان سنڌ جي ميمبرن جي حمايت ڪري نه سگهيو آهي. پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ غيرجمهوري، غيراخلاقي طريقن کي اختيار ڪيو آهي. جنهن جي انتها اِها آهي جو ايوب کهڙي جهڙي سزايافته ڏوهاري کي سنڌ جو وزيراعلىٰ ۽ سنڌ مسلم ليگ جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو آهي. نيڪ طريقن ذريعي نيڪ مقصد ۽ هڪ بي داغ شخصيت، سنڌ جي مقبول رهنمائن جهڙوڪ جي. ايم. سيد، قاضي فيض محمد ۽ ٻين ڪيترن کي جيل حوالي ڪيو آهي. سنڌ جي اهم ترين اخبارن روزنامه الوحيد ۽ ڪاروان تي بندش وڌي ويئي آهي. قلم 144 ۽ ٻين قلمن ذريعي اڳ ۾ ئي نيم فوجي سرڪار مڙهي ويئي آهي.

# سپر سانڪ رفتار

ٻن وڏن صوبن پنجاب ۽ بنگال جي اڳواڻن وڏي ويڙهه ڪانپوءِ آخرڪار پرچاءُ ڪيو آهي. سنڌ ۽ ٻين ننڍن صوبن جي مالِ غنيمت جو اِهو ٺورو آهي جو جيستائين ون يونٽ تي عمل درآمد ٿئي، بيخواب راتيون گذاري رهيا آهن. بنگالي وزيراعظم ته اهو قبول ڪري سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته سندس مفاد هڪ هزار ميلن جي غير ملڪي مفاصلي جي خاص حالتن سببان محفوظ آهن. نه ته هن کي سنڌين جي زندگي جي حالتن جي پُلي پت ڄاڻ آهي، نه ئي ڪا خاص دلچسپي. هو تخت سان وڏيڪ وفادار آهي، بنسبت بادشاهه جي.

# نظريه اسلام

اسلامي نظريو عرب مان ايريو. عربستان ۾ شروعاتي تاريخ هاشمي ۽ بنو اميه، بنو اميه ۽ عباسين جي جهيڙن کي وساريندي ويجهڙائي جي تاريخ تي نظر ڪبي ته مملڪت خداداد ترڪي ۽

نظريہ اسلام سيني عرب قومن کي ڪٺو رکي نہ سگهيو. انهيءَ جاءِ تي عراق، شام، اردن، يمن ۽ سعودي عرب جون خودمختيار رياستون ڏسي ٿا. انهن عربي ڳالهائيندڙ قومن ۾ نظريہء اسلام جي نالي تي سيني رياستن کي ون يونٽ ۾ ڳنڍڻ جي ڪابہ ڳالھ ٻڌڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. افغانستان، ايران ۽ ترڪي هرهڪ کي الڳ وجود آهي. ڪنهن بہ نعري يا نظريہ هيٺ ڪين گڏ ڪرڻ جي خيال کي ناڪامياب نصيب ٿيندي.

مسلمان افغانستان جا هندو انديا سان وڌيڪ برادرانہ تعلقات آهن بنسبت اسلامي پاڪستان جي. مسلمان ترڪي جا اسلامي مصر جي ڀيٽ ۾ عيسائي آمريڪا سان وڌيڪ تعلقات آهن. انهن نظرين ڪانپوءِ ڪي ٻيون ڳالهيون آهن جيڪي قومي روين کي ترتيب ڏين ٿيون.

نظريہ اسلام ڪانسواءِ بہ سنڌ، پنجاب، پختونستان ۽ بلوچستان بہ پاڪستان جي خودمختيار برادرانہ ايڪن سان گڏ رهي سگهن ٿا. جيڪڏهن نظريہ اسلام جي واقعي ڪا ڪوٺ آهي تہ انهيءَ کي سيني مسلمانن جي وچ ۾ صحيح برادري بحال ڪندي اوچو ثقافتي مرتبو حاصل ڪرڻ کپي. ڳالهين ذريعي، عمل ذريعي، حقيقي حالتون ۽ موقعا پيدا ڪرڻ کپن. زمينداري ۽ جاگيرداري ختم ٿيڻ کپي. کيڙيندڙ کي وارث بنايو وڃي. وڏين صنعتن کي قومي ملڪيت ۾ ورتو وڃي. مزدور کي انهيءَ ۾ حصيدار بنايو وڃي. نہ اهڙو غلام اڌ انسان گهٽ پگهاريافتہ ماڻهو جيڪو سدائين مالڪ جي مرضي تي زنده رهي. هتي امير، اميرتر ۽ غريب، غريب تر ٿيندو پيو وڃي.

هن ڌرتي جا اعلىٰ ترين فرزند پورهيت ۽ هاري اڳواڻن کي، نقصان ڏيندڙ جيتن وانگيان جيلن ۾ رکيو پيو وڃي ۽ سندن يونين ۽ هاري تنظيمن کي جهجها عذاب ڏيئي تباهہ ڪيو پيو وڃي. گهٽ اپت گهٽ رٿابندي، وڌيڪ غربت وڌيڪ پريشاني، پوءِ اسين غيرملڪي امداد لاءِ فقيرن وانگيان هٿ ٽنگيو بيٺا آهيون. ڇا غيرملڪي امداد، غيرملڪي غلامي ڪانسواءِ حاصل ڪري سگهجي ٿي ـــــ ؟

نظريہ اسلام جي نالي ۾ ون يونٽ وارو منصوبو، مستقل مادي مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ پيو فريب آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي مستقل مفاد واپار ٽيڪسن جي سلسلي ۾ پنهنجيون رعايتون قائم رکڻ لاءِ دعويدار آهن.

نظريه اسلام کي سکن ۽ هندن جي خلاف هٿيار طور ته ڪاميابيءَ سان استعمال ڪري سگهجي ٿو. پر پنجابي اڳواڻن کي اِهو ساڳيو هٿيار پنهنجي هم مذهب سنڌي ڀائرن خلاف استعمال ڪرڻ کان باز رهڻ گهرجي.

## پڇاڙي

جڏهن پنجاب جي خلاف سيڪجهه ڳالهايو ويو آهي ته ان مان مراد هڪ مختصر حصو معنيٰ مستقل مفاد هن تنقيد مان پنجاب جو عام مرد ۽ عورت، پورهيت ۽ هاري، ۽ دانشور خارج سمجهڻ کپي. جيڪي پنهنجي اعليٰ خصلتن ۽ حاصلات سببان پنهنجي قوم لاءِ باعث فخر آهن. انهن جي ۽ سنڌ جي عام ماڻهن جي وچ ۾ اتحاد ۽ دوستي وڌندڙ آهي. جنهن کي ڪابه شي ويندي ون يونٽ به پنهنجن فريب ڪارين جي باوجود ٽوڙي نٿو سگهي، ۽ پنجاب جو عام ماڻهو سنڌ جي منشاء خلاف سنڌ جي ختم ٿيڻ کي قبول نه ڪندو. هن وقت تائين اسان جي حاڪمن طرفان زميندار ي ۽ جاگيرداري کي مضبوط رکڻ، بدترين غير برابري ۽ ناانصافي کي قائم رکڻ وارين پاليسين کي نظر ۾ رکندي، سنڌ جو عام ۽ باشعور ماڻهو ڪڏهن به ون يونٽ کي قبول نه ڪندو.

## باهمي تعاون نڪي خاتمو

اسانجو اڄ جو نعرو هئڻ کپي. اسان جو پاڪستان شديد قسم جي ٻاهرين مسئلن ۾ ورتل آهي. ان ڪري اسان جي اڳواڻن کي پنهنجين ۽ عوام جي مشڪلاتن ۾ اضافو نه ڪرڻ کپي. اڇو ته پاڪستان کي مضبوط ڪريون ۽ پاڪستان کي بچايون.

باب پيو

# ون يونٽ ۽ جمهوريت

# One Unit and Democracy

# ون يونٽ: ان جو منصوبو، تڪميل ۽ نتيجا

هڪ عام آواز آهي ته ”ون يونٽ جو ڪارنامو پاڪستان ۾ جمهوريت ڪشيءَ جو سڀ کان زياده نمايان مظاهرو آهي. انهي ڪارنامي ملڪ ۾ بحران پويان بحران آندو آهي، ۽ پاڪستان جون گهڻي ياڱي ڪمزوريون انهيءَ ڪارنامي ڪري پيدا ٿيون آهن. اهو فقط هڪ انتظامي اپاءُ نه آهي، پر ساڳئي وقت اهو مقامي سامراجيت، بينڪ شاهي يا نيم بينڪ شاهي جي انهن روپن ڪي ظاهر به ڪري ٿو، ۽ ساڳئي وقت لڪائي به ٿو، جيڪي سيني جي تباهي لاءِ اسباب پيدا ڪن ٿا، جن ون يونٽ آڻڻ چاهيو ٿي، تن چاتو پئي ته ون يونٽ تيسين نه اچي سگهندو، جيسين هندستان جي آزادي جي ائڪٽ 1947ع جي روپ ۾، برطانوي حڪمرانن جي طرفان ڏنل جمهوريت، جي عناصرن کي ختم نه ڪيو ويو آهي.

مٿئين ائڪٽ هيٺ پاڪستان لاءِ دستور ٺاهڻ واسطي، دستور ساز اسيمبيلءَ جو خودمختيار ادارو قائم ڪيو ويو. درحقيقت انهيءَ اسيمبلي هڪ دستور ٺاهيو هيو. جنهن ۾ پاڪستان کي فيڊريشن جي حيثيت ڏني ويئي. اها فيڊريشن پنجن مکيه صوبن: پنجاب، بنگال، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان تي مشتمل هئي. انهيءَ دستور ٺاهڻ لاءِ ست سال ڪوششون ورتيون ويون، ۽ ڪيئي ڪشالا ڪڍيا ويا. ان وقت جي وزيراعظم محمد علي بوگره کي انهيءَ دستور جو اعلان 15 ڊسمبر 1954ع تي قائداعظم جي ڄمڻ جي ڏينهن جي موقعي تي ڪرڻو هو. انهيءَ دستور ۾ ون يونٽ جهڙي ڪنهن به شيءِ جي گنجائش نه هئي.

عين ان وقت جڏهن دستور جو اعلان ٿيڻ وارو هو، 24 آڪٽوبر 1954ع تي ون يونٽ جي باني ۽ گورنر جنرل مَلڪ غلام محمد نادري حڪم جاري ڪري دستور ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙي ڇڏيو، ۽ ملڪ ۾ هنگامي صورتِ حال جو اعلان ڪيو. جا درحقيقت موجود نه هئي. اهڙي طرح دستور جي بحالي ناممڪن بنائي وئي. گورنر جي هن قدم کي للڪاريو ويو. دستور ساز اسيمبليءَ جي صدر مولوي تميزالدين، ڪراچيءَ ۾ سنڌ چيف ڪورٽ اندر هڪ رٽ پٽيشن داخل ڪئي. ڪورٽ گورنر جنرل جي انهيءَ حڪم کي رد ڪري، مولوي تميزالدين کي يڪراءِ صحيح قرار ڏنو. سنڌ چيف ڪورٽ جي هيءَ فتوا هڪ شاندار دستاويز آهي، ۽ انتظاميه جي اثر کان اسانجي عدليه جي آزادي جو هڪ يادگار آهي.

سرڪاري ڌر اها فتوا قبول نہ ڪئي، ۽ مقابلو لاهور واري فيڊرل ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. فيڊرل ڪورٽ، مسٽر جسٽس منير جي صدارت هيٺ اڪثريت واري راءِ سان سنڌ ڪورٽ جي فيصلي کي ختم ڪري ڇڏيو. مسٽر جسٽس اي ـ آر ـ ڪارنيلس اسان جي موجوده چيف جسٽس ۽ مسٽر جسٽس شريف فيرل ڪورٽ جي ججن جي حيثيت ۾، سنڌ ڪورٽ جي فيصلي جي تائيد ڪئي هئي ۽ مسٽر جسٽس منير ۽ ٻن ٻين جج گورنر جنرل جي پٺڀرائي ڪئي هئي.

گذريل سال رٽائر ٿيڻ کان ستت پوءِ هڪ الوداعي دعوت ۾ لاهور ۾ تقرير ڪندي، مسٽر محمد منير تسليم ڪيو هو تہ مولوي تميزالدين واري ڪيس ۾ سندس فتوا سياسي نوعيت جي هئي. (تنهن جو مطلب تہ عدل پٽاندڙ نہ هئي).

فيڊرل ڪورٽ کان سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ بعد مسٽر غلام محمد پاڪستان جو بي تاج بادشاهہ ٿي ويو ۽ دڙڪو ڏنائين تہ هو پنهنجي ٿاقيل ماڻهن جو ڪنوينشن ڪوٺائيندو ۽ پنهنجو هڪ ٺاهيل دستور پاڪستان تي مڙهيندو. مسٽر سهروردي انهيءَ وقت زيورچ جي هڪ اسپتال مان موٽيون هو، ۽ عوام جون سندس اڳواٽي ۾ وڏيون اميدون هيون. پر هن ماڻهن کي جلدئي چرڪائي ڇڏيو؛ جو غلام محمد جي هيٺان هڪ معمولي وزارت وٺي قبول ڪيائين. رٽيل ڪنوينشن کي بهرحال فيڊرل ڪورٽ غلط قرار ڏنو، ۽ نئين دستور ساز اسيمبلي، صوبائي قانون ساز اسيمبلين مان اڻ سڌي ووٽ رستي ٺاهي وئي ۽ ان کي دستور ٺاهڻ ۽ بحال ڪرڻ جو حڪم سونپيو ويو.

اتي سيني سياسي حرفتن سان چوڌري محمد علي پاڪستان جو وزيراعظم ٿيو. سندس ايامڪاريءَ ۾ هڪ خفيہ ”ون يونٽ جو شاهي منصوبو“ تيار ٿيو، ۽ عمل ۾ آندو ويو. انهيءَ منصوبي جو انڪشاف دستورساز اسيمبليءَ ۾ ٿيو. چوڌري محمد علي جو نعرو هو ”ون يونٽ نہ هوندو تہ دستور نہ ٺهندو.“ ون يونٽ کي نافذ ڪرڻ لاءِ ننڍن صوبن تي ظلم جو راڄ ڪڙو ڪيو ويو. مخالفت ڏسي مَلڪ غلام محمد گورنر جنرل ملڪ ۾ مارشل لا آڻڻ تي چاهيو. جنرل ايوب خان ان وقت جي ڪمانڊر ان چيف، جيئن هن بعد ۾ ظاهر ڪيو مارشل لا آڻڻ ۾ ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. پر 1954ع ۾ ون يونٽ قائم رکڻ واسطي هن ڪري ڏيکاري.

ون يونٽ کي سولو بنائڻ لاءِ پيرزادي جي سنڌ وزارت ڊيڙ ڏئونس ڪري ختم ڪئي وئي، ۽ هڪ بدنام سياستدان مسٽر ايوب کهڙي، جنهن کي سنڌ جي ماڻهن پرودا جي مقدمي وسيلي سياسي

سرحد کان هڪالي ڪڍيو هو. تنهن کي ان مقصد لاءِ سنڌ جو وزير اعليٰ مقرر ڪيو ويو ته جيئن هو وزير اعليٰ جو عهدو ۽ سنڌ جي جداگانه جغرافيائي حيثيت هميشه جي لاءِ ختم ڪري. ان ڳالهه لاءِ پرودا جهڙو سنو قانون به منسوخ ڪيو ويو.

صوبائي اسيمبلين کان گرفتارين جي وارنٽن وسيلي ۽ بندوقن جي پهري هيٺ ون يونٽ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو ويو. حيدرآباد ۽ پشاور هال چوڌاري هٿياربند پوليس جو گهيرو هو. ڪيترن ئي ماڻهن کي مقدمي هلائڻ کانسواءِ جيل ۾ اماڻيو ويو. انهيءَ ۾ هن دستاويز جو مصنف (حيدربخش جتوئي) به شامل آهي. سموري مخالفت کي ڪچليو ويو. مسٽر اسڪندر مرزا تڏهوڪي پاڪستان جي وزيرِ دفاع، پشاور ۾ چيو: ”ون يونٽ متعلق حڪومت جو فيصلو پڪو ۽ آخري آهي. سموري مخالفت کي اسٽيم رولر وانگر ڪچليو ويندو.“

مٿين حالتن ۾ ون يون جو مسودو مسٽر سهروردي وزيرِ قانون پاڪستان تيار ڪيو ۽ انهيءَ وقت مسٽر سهرورديءَ تي انهن جو ذمو ٿيو، جي واقعي طاقتون هيون، ۽ هو بي مانو ٿي انهن جي هٿان لوڏجي نڪتو جن جي هن خدمت ڪئي هئي.

نئين دستورساز اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ جي بل تي مباحثي درميان مسٽر سهروردي ۽ سندس ٽولي ڪلتي کائي ون يونٽ جي مخالفت ڪئي ۽ ان جي خلاف چڱا دليل ڏنائين، پر ان مان ڪجهه به ڪين وريو. بل پاس ٿيو، ۽ ڪلام پاڪ جي تلاوت سان ان جو افتتاح ٿيو.

فقط هڪ سال جي ئي تجربي مان ثابت ٿيو ته ون يونٽ انتظامي، مالي، سياسي ۽ ازين قسم جي هر نقطه نگاه کان قابلِ عمل نه آهي. 195ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ هڪ ٺهراءُ پاس ڪري قومي پارليامينٽ کي سفارش ڪئي ته ون يونٽ کي ٽوڙيو وڃي، ۽ ساڳيا اڳيان صوبا قائم ڪيا وڃن. اها تحريڪ جيئن پوءِ تيئن زور وٺندي پئي وئي ۽ سيپٽمبر 1958ع ڌاري گهڻو ڪري سڀني اهم سياسي اڳواڻن فيصلو ڪيو ته ون يونٽ کي هميشه جي لاءِ ختم ڪيو وڃي.

عين انهيءَ وقت انهيءَ تحريڪ کي روڪڻ واسطي 7 آڪٽوبر 1958ع تي دستور کي ختم ڪيو ويو. ڪن ماڻهن دستور جي ختم ٿيڻ تي ارمان جو اظهار ڪيو. سمجهيو ائين پئي ويو ته انهيءَ مسئلي تي نئين سر سوچ ڪئي ويندي، ۽ شايد هڪ جمهوري دستور جنهن ۾ ون يونٽ جو نالو به نه هجي، ٺهي سگهي. پر 8 آڪٽوبر 1958ع جي صبح تي زون بي جي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جنرل اعظم اعلان ڪيو ”دستور ختم ٿي ويو، پر ون يونٽ قائم آهي ۽ قائم رهندو.“

درحقيقت مارشل لا جو مکيه ڪم ون يونٽ کي قائم رکڻ هو. ۽ ان حقيقت جو اظهار هڪ سرڪاري مطبوعات ”پاڪستان جي تاريخ“ ۾ هيٺين ريت ڪيو ويو آهي: اهو ڪتاب ۾ اولهه پاڪستان جي اسڪولن ۾ درسي ڪتاب طور پڙهايو ويندو هو.

## باب چالهيون

### ملڪي انتظام

1955ع واري ”ويسٽ پاڪستان ائڪٽ“ جي پاس ٿيڻ تائين اولهه پاڪستان هيٺين علائقن تي مشتمل هو:

1. پنجاب، اتر الهندو سرحدي صوبو، ۽ سنڌ جا سابق گورنري صوبا.
2. بلوچستان ۽ ڪراچيءَ جا سابق چيف ڪمشنرن وارا صوبا.
3. بهاولپور ۽ خيرپور جون رياستون ۽ بلوچستان جي يونين.
4. بلوچستان، پنجاب ۽ اتر الهندي سرحدي صوبي جا قبائلي علائقا، ۽ امب، دير، چترال ۽ سوات جون رياستون.

انهيءَ قسم جي مختلف ملڪي حصن کي قائم رکڻ مان جيڪي نقصان ٿي سگهيا ٿي، سي جلدئي ظاهر ٿيڻ لڳا. اهي علحده اڪايون اتحاد، استحڪام اقتصادي ترقي ۽ سياسي يڪجهتيءَ جي رستي ۾ رڪاوٽ ثابت ٿي رهيون. مختلف صوبن جي هڪ ٻئي جي خلاف رقابتن ۽ سياسي سازشن جو افسوسناڪ قصو، هن نئين قوم جي تاريخ جو هڪ سياه باب آهي، ۽ اهو ايتري قدر منجهيل ۽ دل آزار آهي، جو ان جو هتي تفصيلوار بيان ڪرڻ مناسب نه آهي.

جيئن هينئر ظاهر ڪيو ويو آهي، صدر ايوب خان جو ان وقت پاڪستان جو ڪمانڊر ان چيف هو، تنهن اولهه پاڪستان جي مختلف اڪاين کي ملائي هڪ صوبي جي صورت ۾ منظم ڪرڻ جو نظريو پيش ڪيو. مسٽر غلام محمد، انهيءَ وقت جي گورنر جنرل ۽ ڪن ٻين اڳواڻن انهيءَ خيال کي عملي صورت ڏيڻ لاءِ موزون قدم کنيا انهيءَ رٿا جي پاڪستان جي ڪيترن ئي گروهن سخت مخالفت ڪئي. آئين ساز اسيمبليءَ بهرحال پاڪستان جي اتحاد کي اڏول بنائڻ لاءِ هڪ ائڪٽ پاس ڪيو، جن کي عام زبان ۾ ”ون يونٽ“ چيو وڃي ٿو. انهيءَ گڏيل صوبي کي

انتظامي مقصدن لاءِ ڪمشنرن جي ڏهن ڊويزنن ۽ وفاقي دارالحڪومت (ڪراچي) جي صورت ۾ ورهايو ويو. پر شخصي مقصدن اڪرڪنڊڙ اڳواڻن الڳ الڳ صوبن ۽ رياستن جي هن اتحاد خلاف پنهنجي پروپيگنڊا جاري رکي ۽ ”ون يونٽ“ کي ڊاهڻ لاءِ هنن نئين سر ۽ وڏيڪ زور شور سان سياسي بلئڪ ميل، رشوت ۽ پارٽي بازيءَ جهڙيون حرڪتون عمل ۾ آڻڻ شروع ڪيون. اهڙيءَ ريت آڪٽوبر 1958ع واري امن پسندانه انقلاب لاءِ جيئن پوءِ تيئن حالات سازگار ٿيندا رهيون. (صفحه 583 ـــ 584)“

## باب ايڪيتاليهون

### آڪٽوبر **1958**ع وارو انقلاب

سيپٽمبر سنه 1957ع ۾، اولهه پاڪستان اسيمبليءَ ون يونٽ کي ڊاهڻ جي رٿ بحال ڪئي، ۽ ان جي بجاءِ سڄي صوبي ۾، متعدد خودمختيار اڪائين قائم ڪرڻ جي سازش ڪئي. خوش قسمتي سان جنرل محمد ايوب خان ملڪ جي صدر ۽ وزيراعظم کي آماده ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ته هو ون يونٽ کي بي اصول سياستدانن جي حملي کان بچائڻ لاءِ ڪوششون وٺن. (صفحه 602)

مارشل لا ڪجهه وقت لاءِ ”ون يونٽ“ کي بچائي ورتو، پر سنت ئي ان جا اثر سيڪنهن تي پوڻ لڳا. آخر ۾ ون يونٽ جا حامي به ان مان بيزار ٿي پيا. درسي ڪتابن ۾ مٿيون بيان ڪنهن سنڌيءَ جي قلم سان نه لکيو ويو آهي، جو هو اهو ڏيکاري ته ون يونٽ جي لعنت کان پوءِ مارشل لا جي لعنت آئي؛ اهو بيان ون يونٽ جي هڪ حامي لکيو آهي، ۽ ڪوشش ڪئي اٿس ته ون يونٽ خلاف پيدا ٿيل جذبن کي ٿڌو ڪري، ۽ اهو ڏيکاري ته جيڪڏهن مارشل لا ون يونٽ جهڙي نعمت کي بچائي سگهيو ته اهو واقعي هڪ نعمت هئي، توڙي جو ان ۾ اوڻايون هيون.

ون يونٽ ڪن شخصي جي عصبيت جي پيداوار آهي، ۽ لازمي طور ردعمل ۾ ان ننڍن صوبن ۾ عصبيت پيدا ڪئي آهي، جا اڳ نه هئي. پر فرق اهو آهي ته ون يونٽ جي ٺاهيندڙن جي عصبيت جارحانه ۽ غيرمنصفانه آهي. ننڍن صوبن جي عصبيت پنهنجي بچاءُ خاطر ۽ جمهوري آهي. ارمان جي ڳالهه اها آهي ته درحقيقت جيڪي عصبيت کي پيدا ڪرڻ لاءِ ذميوار آهن، سي ئي پنهنجي ايماندار مخالفن تي عصبيت جو الزام مڙهين ٿا، ۽ اهڙو پرچار وڏي واڪي ڪن ٿا.

# 2. سنڌ ۽ ون يونٽ

## 1. سنڌ دنيا جي نقشي تان غائب:

ون يونٽ دنيا جي نقشي تان قديم ۽ اسان لاءِ سڀوري، سنڌ جو نالو مٽائي ڇڏيو. جيڪو ڪم يوناني، ايراني ۽ انگريز فاتحن کان نه ٿي سگهيو، سو اسانجي ڏيهي فاتحن ڪري ڏيکاريو. سنڌ جي جغرافيائي، تاريخي، ثقافتي ۽ لساني لحاظ کان جداگانه حيثيت ختم ڪئي ويئي آهي، ۽ ان کي ڪيترن ئي ضلعن ۾ ڊويزنن ۾ ورهايو ويو آهي، سنڌ جو نالو سڏڻ گناهه آهي، اسان کي ”سابق سنڌ“ چوڻ کپي.

هيءُ ”سابق سنڌ“ جو لفظ ختم ٿيڻ کپي. سنڌ ابدي آهي. ان جو قديم اتهاس جنهن جو نشان ”موهن جو دڙو“ آهي، ان جي قديم زبان سنڌي، جيڪا لسانيات جي ماهرن جي چوڻ موجب سنسڪرت يا پراڪرت کان به قديم آهي، ان جا صوفي ۽ فيلسوف جن انسانيت ۽ اعلىٰ اخلاق جو پيغام ڏنو ـــ اهي سڀ هڪ اهڙو قيمتي ورثو آهن، جو انهن کي ختم ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏيئي سگهجي. پر ون يونٽ ان ورثي جو خاتمو چاهي ٿو.

## 2. سنڌي زبان جو خاتمو:

هر قوم جي سڀ کان قيمتي ميراث زبان ۽ ان جو ادب آهي. اسان پنهنجي مادري زبان، کي پيار ڪريون ٿا. اڳ ڪنهن به (خود انگريز) حاڪمن پڻ اسانجي زبان تي حملو نه ڪيو.

پر اولهه پاڪستان سرڪار اهو لازمي قرار ڏنو، ته ”يونيسڪو“ جي قبول ٿيل اصولن جي خلاف، ۽ بين عالمي ادارن جي انهيءَ راءِ، ته مادري زبان مئثرڪ تائين تعليم جو بهترين ذريعو آهي، جي خلاف ورزي ڪندي، اسانجا ستن ورهين جي عمر جا ٻار اردوءَ ۾ تعليم حاصل ڪن.

چناچه اهڙي فضا پيدا ڪئي ويئي، جو (علامه آءِ آءِ قاضي) هڪ لائق ۽ قابل چانسلر لاٿو ويو، ۽ ان جي جاءِ تي هڪ غير سنڌي آندو ويو. بعد ۾ وري اهو ٺاهه ٺاهيو ويو جو (ڊاڪٽر غلام مصطفىٰ) هڪ لائق سنڌي ڊائريڪٽر تعليم کي حيدرآباد مان ڪڍي ڪوئٽا موڪليو ويو، ان

جي جاءِ تي هڪ غيرسنڌي آندو ويو. نتيجو اهو نڪتو جو تعليمي ڪميشن جي ڪانفرنس ۾ سنڌ جي نمائندگي، ڪوبه سنڌي ڪري نه سگهيو.

اهو آهي ون يونٽ ـــ (بعد ۾ بهادر شاگرد همت ڪري سنڌي زبان کي ايتري قدر بچائي وڌو، جو عارضي طرح حڪم نڪتو ته هوءَ پارهين درجه تائين ذريعه تعليم رهندي ۽ اردو لازمي ڪرڻ لاءِ هڪ سال وڌايو ويو.)

## 3. سنڌ جي زمين تي غير سنڌين جو قبضو:

پاڪستان جي دستور ساز اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ جي هڪ معمار مسٽر محمد ممتاز دولتانه جي ڏنل خاطرين کي ملاحظ ڪريو:

”صاحبا، هاڻي سنڌ جي نئين زمينن جي نيڪالي لاءِ ڪهڙو حال پيش تي رهيو آهي؟ جيتري قدر مون کي معلوم آهي اهو حل هيئن آهي، سنڌ جون نيون زمينون جيڪي واقعي پاڪستان جي مستقبل کي خوشحال بنائڻ لاءِ تمام گهٽو ڪم ڏينديون ان صوبي جي ماڻهن يعني سنڌين کي ملنديون، پر ائين تيسين ڪيو ويندو جيسين سنڌ جي ماڻهن کي زمينون نه هونديون. سڀ کان اول اهي زمينون انهن سنڌي هارين کي ملنديون، جن وٽ ڪابه زمين نه آهي. پر جڏهن هڪ هڪ سنڌي هاريءَ کي زمين ملي چڪي، ۽ ان کان پوءِ به زمين بچي پئي، ته اها پاڪستان جي شهرين ۽ ٻين صوبن جي رهواسين منجهان فقط انهن کي ڏني ويندي، جن وٽ اڳ ڪابه زمين نه هوندي . . . . . زمين ان کي ملندي، جيڪو پاڻ پوکيندو، زمين سڀ کان پهريائين انهن کي ڏني ويندي، ۽ جڏهن اهي مطئمن ٿيندا، ته پوءِ سنڌ جي ماڻهن کي ڏني ويندي، پر انهي ۾ شاهوڪار شامل نه هوندا. . . (بحث صفح 320)

مگر درحقيقت ڇا ٿيو آهي؟ بهترين زمينون ۽ وڏا پلاٽ غير سنڌي عملدارن، واپارين، ڪارخانيدارن ۽ زميندارن کي ڪنهن نه ڪنهن بهاني ڏنيون پيون وڃن. سنڌ جي هارين کي اهي زمينون ملن ٿيون، جن جو پيو ڪوبه خريدار ڪونهي. زمينون گهٽو ڪري عام نيلام رستي وڪيون وڃن ٿيون ۽ ان کي ملن ٿيون، جو سڀ کان وڌي واڪ ڏئي ٿو. اهڙي طرح هڪ نئون زمينداري طبقو وجود ۾ اچي رهيو آهي.

هاريءَ کي زمين ڏکين شرطن تي ملي ٿي، مثلاً جيڪڏهن ڪو هاري ڪنهن سبب ڪري (جنهن تي آبپاشيءَ لاءِ پاڻي نہ ملڻ سبب) زمين آباد نٿو ڪري سگهي تہ ڪانئس زمين کسي وڃي ٿي. پر ٻين سان اِهو شرط لاڳو ناهي. ملٽري وارن کي زمينون ڏيڻ ۾ سخا کان ڪم ورتو ويو آهي. انهن کي جيڪي سهولتون ملن ٿيون، سي هاريءَ کي ٿيون ملن.

لاهور ۾ روينيو بورڊ ۾ ڪوبہ سنڌي وڏو عملدار ناهي، جو سنڌين جي حقن جي نگراني ڪري. انهي جو قدرتي نتيجو اهو نڪتو آهي جو هن سرزمين جا هاري، هتان جا باشندا انهيءَ حق کان محروم آهن، جي قدرت جي قانون کين عطا ڪيا آهن. ۽ هتي اهو بہ نہ وسارڻ کپي تہ اهو بئراج، جنهن اهي زمينون پيدا ڪيون آهن، سنڌين جي ڏنل ڍلن جي پئسي مان ٺهيل آهي. اهو آهي ون يونٽ. درحقيقت ون يونٽ ٺاهيو ئي انهي مقصد لاءِ ويو هو. ۽ نہ ان لاءِ جيڪو مسٽر دولتانہ بيان ڪيو هو. مسٽر دولتانہ اڄ ڪٿي آهي؟ ان هوندي بہ هو ون يونٽ جو حامي آهي.

## 4. سنڌ ۾ نا منصفانہ ڍلون:

ون يونٽ جي ٺاهيندڙن، ون يونٽ جا جيڪي مقصد بيان ڪيا هئا، تن ۾ هڪ اهو بہ هو تہ اولهہ پاڪستان ۾ قاعدي قانون، ڍلن ۽ ڪورٽن جو سرشتو ساڳيو هوندو. ان سلسلي ۾ سنڌين جي طرفان ڪيترن ئي درخواستن، گذارشتن ڪانپوءِ بہ سڄي پاڪستان، اولهہ توڙي اوير ۾ سڀ کان وڏيون ڍلون، سنڌ ۾ ئي قائم رکيون ويون. اڪثر حالتن ۾ سنڌي آبادگار جي آمدني جو پنجاهہ يا ٺ سيڪڙو آمدني ڍل ۾ وڃي ٿي. درحقيقت اها (ڍل) 25 سيڪڙو هئڻ کپي. نتيجو اهو نڪتو آهي تہ سنڌي آبادگار جو ڏيوالو نڪري ويو آهي. هو انهيءَ سبب جي ڪري بئريج جون زمينون خريد ڪري نٿو سگهي.

انهيءَ موضوع تي مون هڪ ڪتابڙو لکيو، جنهن ۾ انگ اکر ڏنا ويا، ۽ تعميري اپاءَ تجويز ڪيا ويا. مون هڪ ڪتابڙو هڪ خط سان گڏ صدرِ پاڪستان ۽ گورنر ڏانهن موڪليو، ۽ کين گذارش ڪيم تہ معاملي جو صحيح تصفيو ڪرڻ لاءِ سرڪار قدم کڻي. سرڪار جواب ۾ ڪتابڙو ضبط ڪيو، ۽ مون کي ڪوئيٽا ۾ هڪ فوجي ڪورٽ انهي ڪتاب لکڻ ڪري سخت پورهئي سان ٽي سال سي (C) ڪلاس جو جيل عطا ڪيو.

## 5. سنڌ ۾ ترقي جون رٿون بند:

سنڌ گورنمينٽ رستن، اسڪولن ۽ صحت جي ڪمن ڪي سڌارڻ لاءِ جيڪي ترقياتي رٿون ٺاهيون هيون، سي بند ڪيون ويون آهن. سنڌ جا ٽيهه ڪروڙ روپيا جيڪي ون يونٽ جي حوالي ٿيا، سي اهي ترقياتي رٿن تي خرچ ٿين ها، پر هاڻي انهيءَ ڳالهه کان سُڪو جواب آهي، ڇي، پئسو ڪونهي ـــــ!

## 6. سنڌ جي ڪاليجن ۾ سنڌين لاءِ داخلائون بند:

سنڌ گورنمينٽ ڪراچيءَ ۾ هڪ انجنيرنگ ڪاليج ۽ ٻه ڊاڪٽري ڪاليج، هڪ ڪراچيءَ ۾ ۽ ٻيو حيدرآباد ۾ قائم ڪيا هئا، ته جيئن سنڌ ۾ تعليم وڌي، هاڻي انهن ڪاليجن جا دروازا سڄي اولهه پاڪستان لاءِ کليل آهن. نتجو اهو نڪتو آهي جو سنڌ کي 20 سيڪڙو جايون به مس ملن ٿيون، ۽ 80 سيڪڙو جايون ٻين جي حوالي ٿين ٿيون. اهم تعليمي ۽ هنري ادارن ۾ ون يونٽ قائم ٿيڻ بعد سنڌ کي ترقيءَ جا اِجهو اهي ذريعا مليا آهن. سنڌ ۾ وڌندڙ آباديءَ کي خيال ۾ رکي ڪي به نوان ادارا کوليا ڪونه ٿا وڃن.

## 7. ثانوي تعليم جي تباهي:

سنڌ جي ڳوٺن ۾ ٽن درجن وارن انگريزي ڪلاسن جو چار وڇايو ويو هو، ۽ ڳوٺاڻا چوڪرا انهن ڪلاسن جو فائدو وٺي وڏن مدل اسڪولن ۾ ۽ هاءِ اسڪولن ۾ داخل ٿيندا هئا. هاڻي اولهه پاڪستان جي حڪومت انهن ٽن درجن وارن انگريزي ڪلاسن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. 25 سالن کان تازو ثانوي ماسترن کي بي ٽي ڪورس لاءِ پگهار ۽ الائونس جون جيڪي سهولتون مليل هيون، تن کان کين محروم ڪيو ويو آهي. اهي سرڪاري تربيت يافتن کي اعليٰ معيار جي خاطر ڏنيون وينديون آهن. وڏين پگهارن وارن عملدارن کي به تربيت دوران اهي سهولتون ملنديون آهن، نتيجو اهو آهي، ته هاڻي فقط ڪي ٿورڙا ثانوي استاد پنهنجي خرچ تي سکيا حاصل ڪري سگهن ٿا. انهيءَ جو مطلب ته بي ـ ٽي پاس ڪيل استاد ٻاهران گهرايا وڃن، ۽ انهن کي سنڌ جي استادن تي

ترجيح ملندي. بيشڪ اها ڳالهه ون يونٽ جي پاليسيءَ پٺاندر آهي، اجهو اهڙيءَ طرح پنهنجي پيل سنڌ جي ايراضيءَ کي سڌاريو پيو وڃي.

## 8. سنڌ جي پريس کي دٻاءُ:

پريس جي آزادي، جمهوريت ۽ ترقيءَ جو بنياد آهي. پريس وقت جي ڌارائن جي عڪس هجڻ سان گڏوگڏ واقعن ۽ فڪر کي پڻ متاثر ٿي ڪري.

اها ڳالهه ته سيني جي ڌيان تي آئي هوندي ته لاهور جي اخبارن باقاعدگيءَ سان چمي ون يونٽ جي پٺڀرائي ڪئي آهي، ۽ سنڌ پريس اهڙي ئي طريقي سان ون يونٽ جي مخالفت ڪندي رهي آهي.

ون يونٽ بعد سنڌ جي پريس تي لاهور ڪان ضابطو رکيو وڃي ٿو، نتيجو ظاهر آهي ـــ هڪ غير سنڌي صاحب کي اطلاعات کاتي جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو هو ۽ هن صاحب سنڌ جي پريس کي دٻائڻ جا سڀ موقعا پيدا ڪري ڇڏيا. مشهور ماهوار ۽ هفتيوار رسالا مثلاً "انسان" ۽ "مذهب انسانيت"، "گل ڦل" ، "گلستان"، "روح رهاڻ"، "ڳوٺ سڌار"، "موحد" وغيره ڊڪليئريشن ملڻ کان انڪار ڪرڻ سبب بند ڪيا ويا. نوابشاهه جا "مظلوم"، "آئينه"، ۽ "سنڌ مسلم". سانگهڙ جو "رضوان"، ٺٽي جو "الحيدر"، "همراهي"، "فرياد"، "مساوا"، "فتح اسلام"، "مسلمان"، "عام راءِ" وغيره، يعني 60 مان اٽڪل ٽيهه اخبارون بند ڪيون ويون. عورتن جي هڪ ئي ماهنامه مئگزين حيدرآبادي "مارئي" کي پڻ ڊڪليئريشن ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو.

ون يونٽ جو ڪٽڙ حامي، مسٽر قادر بخش، جيڪو اولهه پاڪستان جو وزير پڻ آهي. ون يونٽ جي مخالفن کي صلاحون ٿو ڏئي ته "ون يونٽ جي ٽوڙڻ جو مطالبو نه ڪريو، پر پنهنجي اهنجن کي مٽائڻ جو مطالبو ڪيو". مگر اسان ڪيستائين توهانجي درن تي پيا پنّنداسين؟ اسانجي اهنجن جو ڪو انت آهي ڇا؟ ڏينهون ڏينهن، سالون سال سورن جي هڪ لانڍ ٿي اچي! اسانجي اَهنجن جو رڳو هڪڙئي اپاءُ آهي: ون يونٽ کي ٽوڙيو جيڪو سيني براين ۽ اَهنجن جي پاڙ آهي.

# 3. ون يونٽ ۽ جمهوريت

ون يونٽ جا حامي ڏاڍي چالاڪيءَ سان ”نظرياتي خيالي جمهوريت“ کي اسان جو اهم ترين سياسي مسئلو ڪري ٿا پيش ڪن، ۽ ون يونٽ کي هڪ ننڍو ۽ غير اهم مسئلو سمجهي لنوائي ٿا ڇڏين، اهي حقيقي مسئلن کي منجهائڻ چاهين ٿا ته جيئن اسين اهو وساري ڇڏيون ته اهو ون يونٽ ئي آهي، جنهن عوام جي مٿان سڀ برايون مسلط ڪري آخرڪار مارشل لا ۽ پوءِ اڄ ڪلهه وارو نيم فوجي جوڙجڪ آندو. اهي اسان جي گهڻن سياسي رهنمائن ۽ مفڪرن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ ۾ ذري گهٽ ڪامياب ٿي ويا آهن.

آخر حقيقت ۾ جمهوريت آهي ڇا؟ اوڀر بنگال لاءِ ”بينگالي ٻولي“ جمهوريت جو هڪ ضروري جزو آهي، ۽ بنگال هن کي سلامت رکيو آهي. پر سنڌ لاءِ ”سنڌي ٻولي“ ڪجهه به نه آهي! بلوچستان لاءِ ”بلوچي“ ڪجهه به نه آهي! سرحد لاءِ ”پشتون“ ڪجهه به نه آهي.

اوڀر بنگال لاءِ ملازمتون جمهوريت جو جزو آهن، ۽ اهي بينگالين کي ملن پيون، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد لاءِ اهي ملازمتون فرقه پرستي جو جز آهي.

اوڀر بنگال لاءِ اقتصادي ترقيءَ ۾ برابري ملڻ جمهوريت جو روح آهي، ۽ اهي ان ڳالهه کي هڪ وڏو جدوجهد ٿا ڪن. پر ويچارن غير ترقي يافته سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان طرفان اهڙن مطالبن کي پاڪستان جي سالميت کي خطري رسائڻ جهڙيون تحريڪون ڪري سمجهيو ٿو وڃي. حقيقت ۾ ون يونٽ جي مخالفن جون ئي جمهوري آزاديون بي دردي‍ءَ سان ڪچليون ويئون آهن. اسان جي حاڪمن وٽ ون يونٽ جي مخالف کي وڏي ۾ وڏو ڏوهه سمجهيو ٿو وڃي. ون يونٽ ۽ ان جي غير منصفانه قاعدن ۽ قانونن جي مخالفت کي ڪچلڻ خاطر ئي پوليس، جيل ۽ فوج جي سموري مشنري پنهنجي سموري طاقت سان حرڪت ۾ اچي ويئي آهي. ون يونٽ جي مخالفت سببان ئي اسان جي هزارين مسلمانن ۽ پاڪستاني پائرن کي جيل، تڪليفن ۽ ملڪيتن جي ضبطي وغيره جون عقوبتون برداشت ڪرڻيون پيون، جيڪي برطانوي سامراجيت جي بدترين ڏينهن ۾ پڻ ناپيد هيون. هن وقت اسان جا سوين محبِ وطن جيل جي ڪوٺڙين ۾ سڙي رهيا آهن، انهن جو ڏوهه ون يونٽ جي مخالفت، ۽ پنهنجي فطري حقن، دلچسپين ۽ آزادين جي حفاظت کان سواءِ ٻيو ڪوبه نه آهي. ون يونٽ جي حامين مان مشڪل سان ڪو اولهه پاڪستان ۾ سياسي قيدي هوندو. اولهه پاڪستان

۾ ڪوبہ وزير يا سيڪريٽري ٿئو ٿي سگهي، جيستائين ڪ هو ون يونٽ کي پنهنجي ايمان جو جُز ڪري تسليم نہ ڪري، ۽ ان کي پاڪستان جي نظريہ جو اهم ترين حصو نہ سمجهي. سنڌ مان وزير، اهليت جي بنيادن تي نہ چونڊيا ويا آهن، انهن کي ون يونٽ جي حمايت ڪرڻ تي رضامند ٿيڻ سبب ئي وزير ڪيو ويو. اهل ۽ بهتر ماڻهن کي ڪيڙن وانگر وزارتن کان ٻاهر رکيو ٿو وڃي.

اسان جا حاڪم هڪ ٻہ وزارتي جايون خالي رکيو ويٺا آهن، تہ جيئن هر ڪو ميمبر وزارت ملڻ جي اميد ۾ رهي، سنڌن پاليسين متعلق خاموش رهي - پوءِ ڪري اهي پاليسيون ڪيتريون بہ غلط هجن.

سنڌ جا اهي ميمبر جيڪي ون يونٽ جي مخالف نيتيءَ جي ڪري مشهور آهن، سي وزير ٿيڻ سان، راتو ــــ رات ۾ بدلجي ون يونٽ جي فائدي ۾، ڳالهائڻ لڳن ٿا. پوءِ ڪري هو دل سان نہ، پر رڳو چپن سان ٿا ڳالهائين.

افسوس آهي اهڙي سماج تي، جنهن ۾ منافقي ذاتي طاقت ۽ مفاد جو ذريعو هجي.

اهڙي طرح، ون يونٽ اسان جي اخلاق کي پست ڪرڻ ۽ اسان جي زندگيءَ جي سيني اعلىٰ قدرن کي ناس ڪرڻ لاءِ جوابدار آهي. جڏهن زندگيءَ جا اعلىٰ اقتدار وڃائجي وڃن، تہ پوءِ جمهوريت ڪهڙي معنىٰ تي رکي. اسان جي وزيرن ۽ اعلىٰ آفيسرن کي بهترين ۽ عظيم ترين شخصيتن جو مالڪ هئڻ گهرجي. جيئن انهن کي اسين ۽ انهن جو مثال وٺي، ننڍن آفيسرن، ۽ شهرين ۽ اُن کان هيٺ عام ماڻهن تائين عظيم چڱايون ڦهلجي وڃن. منافقي ۽ خرابيون، جيوڙن وانگر ٽڪرو ٽڪرو وڌن ٿيون، ۽ جلد ئي سماج جي نس نس ۾ سمائجي ٿيون وڃن، جيئن هينئر سمائجي ويون آهن. ون يونٽ ملڪ کي بيماري ڪري صحت مند ترقيءَ کي ناممڪن بنائي ڇڏيو آهي. ان جو هڪ ئي حل آهي، اهو تہ سواءِ ڪنهن دير جي ون يونٽ کي ٽوڙيو وڃي، تڏهن ۽ فقط تڏهن ئي حقيقي جمهوريت پاڪستان ۾ قائم ٿيندي. ون يونٽ ۽ جمهوريت هڪ ٻئي جي متضاد آهن.

ڪي سياستدان وري هيئن ٿا دليل بازي ڪن تہ فقط جمهوريت ئي اهم ترين مسئلو آهي، ۽ اها حاصل ٿي ويندي تہ ون يونٽ بہ جمهوري طريقي سان ختم ٿي ويندو.

اهي حضرت ائين ٿا سوچين تہ 1956 واري دستور پڻ ڪجهہ جمهوريت ڏني هئي، ان ۾ بنيادي حقن جي توثيق ڪيل هئي. ان هاءِ ڪورٽن جو احترام پئي ڪيو، ان ۾ سموري طاقت

قانون ساز اسيمبليءَ کي ڏنل هئي، وغيره وغيره، پر انهن سمورن جمهوري حقن جي موجودگي ۾ ننڍن صوبن کي اهي حقن ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو، ۽ ون يونٽ کي ڪين ڪچلي ڇڏيو. ون يونٽ کي قائم رکندي ننڍن صوبن لاءِ جمهوريت بي معنيٰ آهي، ڇو ته انهن لاءِ ون يونٽ کي ختم ڪرڻ ئي جمهوريت جو پيش خيمو آهي.

ننڍا صوبا پنهنجي خودمختياري ۽ خود اراديت کي خيرات وانگر پنن ڪونه ٿا، پر اهي بين الاقوامي طور تي مڃيل اصولن مطابق پنهنجو حق سمجهي گهُرن ٿا.

ڪشمير جا ماڻهو ته بين الاقوامي واري خود اراديت جي حق ملڻ جو مطالبو ڪري سگهن ٿا، پر پنهنجي ئي گهر ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جي ماڻهن کي اهڙي حق ڏيارڻ کان انڪار ڪيو وڃي ٿو، اهو هڪ تضاد آهي.

سنڌ رڳو نسبتاً هڪ ننڍو صوبو آهي، پر آدمشماري ۽ وسيلن جي لحاظ کان ڪشمير کان وڏيڪ اهم آهي. سيلون (سري لنڪا) جيڪا هڪ آزاد ۽ خود مختيار رياست آهي ۽ اقوامِ متحده جي ميمبر آهي، ان کان به سنڌ وڏي آهي. ان کي پاڪستان ۾ هڪ صوبي جي حيثيت ڏيڻ کان به محروم رکيو وڃي ٿو. اها ڳالهه ناانصافي ۽ بي سمجهي جي انتها آهي.

اسان ڪشميرين لاءِ جمهوري حقن جو مطالبو ڪيون ٿا، پر ون يونٽ جي ماسٽر پلان ۾ ڪشمير جو ڪهڙو مستقبل آهي؟ جڏهن ڪشمير پاڪستان سان ملايو ويندو، ته اهو ون يونٽ ۾ ڪمشنر جي ڊويزن کان وڌيڪ ڪجهه به نه هوندو، ۽ ان کي به "سابق سنڌ" وانگر "سابق ڪشمير" سڏيو ويندو، حالانڪ آمريڪا ۾ پنجاهه رياستون آهن، سويت يونين ۾ سترهن رياستون آهن، ڀارت ۾ ويهه رياستون آهن، ۽ اهي سڀ چڱيءَ طرح هلن پيون، اتان جي وڏين رياستن ڪيليفورنيا، سفيد روس يا اتر پرديش طرفان ون يونٽ جهڙي ڪابه شيءِ ڪانه مڙهي وئي آهي. بنگال ۽ پنجاب وڏا صوبا آهن، ۽ انهن تي فرض آهي ته پنهنجي ننڍن ڀائرن جي حقن جي حفاظت ڪن. هڪ اسلامي رياست ۾ طاقت جي بازي کيڏي ۽ ننڍي صوبن جي لقمي کي وراهي کائڻ پنجاب ۽ بنگال جي لاءِ شرمناڪ عمل آهي. ائين ڪرڻ کان پوءِ به اجا هو پاڻ کي اسلامي، قرآني ۽ جمهوري حقن جا دعويدار سڏائين ٿا !

شل قدرت جو نور اسانجي مشعل راهه ٿئي !

اها انسان جي بدقسمتي آهي، جو رڳو طاقت ئي آخري فيصلا ڪري ٿي ۽ نه عقل ۽ نه فهم. پر انهن شخصن کي ياد رکڻ گهرجي، جيڪي رڳو طاقت تي ڀروسو رکي ٻين کي ستائين ٿا، ته قدرت ئي فيصلو ڪرڻ واري آهي ۽ انهن کي پنهنجي ڪيتي جي ڳري سزا ڀوڳڻي پوندي.

انصاف ۽ رواداري جو ڦل دير يا سوير سيڪنهن کي ملي ٿو. انسانيت انهيءَ راهه تي ترقي ڪئي آهي. اسان جي پاڪستاني ڀائرن کي پنهنجي ئي ضمير ۽ پنهنجي پاڻ کي پڇڻ گهرجي ۽ مسلمان هجڻ جي حيثيت ۾ خدا کان ڊڄڻ گهرجي.

جن کي تڪليف ٿيندي آهي ضرور دانهون ڪندا، انهيءَ فرياد ڪرڻ جي ڪري کين ڪچلڻ، اهڙي گناهه کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو گناهه ٿيندو؟

اسان سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ پنهنجي محدود دائري ۾ پنهنجي حق مطابق پنهنجي قسمت پنهنجي هٿن ۾ رکڻ چاهيون ٿا. اسان جا وڏا ڀائر اوهان جي وڏي مهرباني ! اسان کي ون يونٽ جي باري ۾ اوهانجي نيڪ ارادن جي پوري خبر آهي. بس ايترو ڪافي آهي. هاڻي ڊاهيوس، مهرباني ڪريو، ته وري ڀائرن وانگر ڌار ڌار پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ رهون. اها اوهانجي وڏي مهرباني ٿيندي. ون يونٽ ڊاهيو، ۽ پوءِ جمهوريت جي ڳالهه ڪريو.

# جيئي سنڌ! جيئي سنڌ !!

## منڪلام حيدربخش جتوئي ”حيدر“

تو تي سنڌ هزار سلام!
خوش رهي باغ بهار مُدام!
خوش رهن خندان با آرام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!

”ياءُ آ پنهنجو هر انسان“
پنهنجو آهي هي ايمان!
پنهنجو آهي هي اسلام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!

”ڪينو فتنو ٿئي برباد !
قرب محبد زنده باد !“
پنهنجو آهي هي پيغام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!

جيئي سنڌ ۽ جيئي سنڌ!
جام محبت پيئي سنڌ!
خاص ۽ عام پيئن هي جام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

جيئي هند ۽ جيئي سنڌ!
جيئي جيءُ منو هر هنڌ!
پيار بهار ٿئي عام ۽ جام!

جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

سنڌي سهڻو سادو صاف!
هن جي تلاش آ حق انصاف!
هن وٽ آهي نفاق حرام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

جيئي پنهنجي مٺڙي زبان!
جيئي پنهنجو شعر بيان!
جيئي پنهنجو غزل سلام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

جيئي جمالو چلو ڏور!
جيئي دِلو، سُرندي سور!
جيئي ڏوهو، ڪافي ڪلام!
جيئي سنڌ ! جيئي سنڌ!

جيئي سنڌو جو درياهه!
جيئي سنڌو، پنهنجي ساهه!
آب حيات آ جنهن جو جام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!

جيئي سکر جي بئراج!
جيئي ڳدو جي ڳج ڳاج!
جيئي ڪوٽڙي ڏم ڏام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

جيئي ٻيلو، نم ٻير!

جيئي ڪيلو، سنڌڙي، سر!
جيئي باغ بهار تمام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

جيئي ڪاچو، جيئي ٿر!
جيئي لاڙ، جيئي ڪينجهر !
جيئي منڇر انڇر جام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

جيئي سنڌ زمين دلشاد!
جيئي ڪيت ڪيت آباد!
جيئي سرسبزي هر گام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

جيئي هاري ۽ مزدور!
جيئي هارياڻي پُرنور!
پورهئي اندر صبح ۽ شام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

جيئي سنڌي دلبر جام!
مرد ۽ زال ۽ هر انسان!
ٻچڙو ۽ ٻچڙي گلفام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

جيئي سنڌين سان هي سنڌ!
سنڌين جي امان هي سنڌ!
سنڌين جو ناموس اِڪرام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

سنڌ جو نام تو متجي ڪيئن؟
سنڌ جو نام تو گھٽجي ڪيئن؟
هر دم سنڌ جو زنده نام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

ٻوڙا! سنڌ جي ٻڌ فرياد!
گم ٿي ويا ڪيئي شداد!
ڪيئي نام ٿيا گمنام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

بي انصافي جو بنياد!
ٿئي نابود ۽ ٿئي برباد!
آ تاريخ جو هي انجام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

سنڌ جا دشمن! ڇڏ هي جور!
دور! هي جور جو بڇڙو دور!
سنڌ کي مار نه بي الزام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

سنڌ سياجهڙي رنج نه ڪر!
رنج رسائي ۽ گنج نه ڪر!
ڦُر لُٽ آهي تمام حرام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

فوج ۽ جنگ تي باور ڇڏ!
تير تفنگ تي باور ڇڏ!

ڪتجي ويا فوجن جا امام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

حاڪم وارو ڪر نہ خمار!
ياءُ سان ياءُ مثال گذار!
ياءُ جي ڪٿ جس ۾ انعام!
جيئي سنڌ، جئي سنڌ!

حاڪم وارو ڪر نہ غرور!
سُور ڏيئي تو ٿئين مسرور!
گهر ۾ پوندءِ رڙ ماتام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

سنڌ، سمجهہ آ ستل شير!
ڪينڪي رهندو تنهنجي زير!
سنڌ ۾ سهسين! سورهيہ جام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

سنڌي پيارا، صلح پسند!
ظالم ڪيئن تو سمجهي بند!!
ظالم جا ظالم احڪام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

هيرا موتي هيئن نہ هار!
بي قدرن وٽ ڇا ويچار؟
ڪوڏين ڪان گهٽ تنهنجو ڪلام
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

سنڌي پيارا همت ڪر!
هار نہ مڃ! ڪجهہ جرئت ڪر!
ظالم جي ڪر هام تمام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

همت سان آ سڀ آسان!
قرباني ڪر! ٿي قربان!
جيئي سنڌي، خاص ۽ عام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

سنڌ جو سڏ آ، چئو لبيڪ!
پنهنجو آهہ ”سلام عليڪ!“
پنهنجو آ ”عليڪ سلام“
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

سُڻ جي حيدر جو آواز!
آواز آهي ڇا انداز!
آواز آهي يا الهام!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!

# سنڌ پياري!

## منڪلام حيدربخش جتوئي "حيدر"

سلامت سنڌين سان، سنڌ پياري !
سلامت راحت جان، سنڌ پياري !
سدا خوش حال، خندان، سنڌ پياري !
سدا سرسبز، شادان، سنڌ پياري !

تون پنهنجي جند ۽ جان، سنڌ پياري !
تيون قربان تو تان سنڌ پياري !

مِٺو آ تنهنجو نالو ۽ نشان سنڌ !
مِٺي آ تنهنجي ٻولي، مهربان سنڌ !
اِرم، فردوس ڇا هن تو اڳيان سنڌ !
ڪنهين کي تنهنجو مٿ ڀايان نه مان سنڌ !

تون پنهنجو پاڻ مٿ آن، سنڌ پياري !
تيون قربان تو تان سنڌ پياري !

عرب، ايراني آيا، خان، افغان !
سما ۽ سومرا، هندو، مسلمان !
ٿيا داخل جيئن هو سنڌ ۾ جان!
ويا بڻجي هو سنڌيءَ نيڪ انسان !

وڏايو شان انسان سنڌ پياري !
تيون قربان تو تان سنڌ پياري !

هـــي تنهنجـــي لاءِ، ســـنڌڙي! ڪيـــڏو غـــم ٿيـــو !
هـــي پاڪســـتان طرفـــان ڇـــا ڪـــرم ٿيـــو؟
ســـندءُ هســـتيءَ جـــو انڪـــاري اٿـــم ٿيـــو !
روا تنهنجـــــي مٿـــــان آهـــــر ســـــتم ٿيـــــو !

ڪيـــائين ڪيـــڏو نقصـــان، ســـنڌ پيـــاري !
ٿيـــون قربـــان تـــو تـــان ســـنڌ پيـــاري !

جنهـــين ڪـــي تـــو نپـــايو، ڪيـــر پيـــاريو،
ءِ پنهنجـــــي هـــــنج هنئـــــين ۾ وهـــــاريو،
ڇـــو تـــن آ تـــو ڪـــي چابـــڪ ســـاڻ مـــاريو ؟
ڇـــو تـــن آ تـــو ڪـــي ڳـــاريو ءِ رُئـــاريو ؟

اٿـــم افســـوس ارمـــان، ســـنڌ پيـــاري !
ٿيـــون قربـــان تـــو تـــان ســـنڌ پيـــاري !

ســـوين تنهنجـــا ٻچـــا اڄ دربـــدر هِـــن،
بکيـــا بيمـــارِ خســـتہ جگـــر هِـــن،
اَملهـــہ ماڻـــڪ ءِ مـــوتي هِـــن، گُهـــرَ هِـــن،
ٿيـــا بيقـــدرن آڏو هـــيچ پـــر هِـــن،

پڪـــارون پيـــا پـــري ڪـــان: "ســـنڌ پيـــاري!
ٿيـــون قربـــان تـــو تـــان ســـنڌ پيـــاري!"

ڏنـــي مـــردود ڪـــي مرڪـــز وزارت،
وزارت ســـان مچايـــائين شـــرارت،
ڪيـــائين ســـنڌ منـــڙيءَ جـــا ٻچـــا رت !

ڪتيائين پنهنجي لئي نفرت حقارت !

وڪيائين ديس ارزن؛ سنڌ پياري !
ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري !

وڪيو جنهن ديس پيارو، تنهن تي لعنت!
ڪيو جنهن ڪم هچارو، تنهن تي لعنت!
ڪيئين منهن پنهنجو ڪارو، تنهن تي لعنت!
وجهي تو ملڪ سارو، تنهن تي لعنت!

آ تنهنجو ويري شيطان، سنڌ پياري !
ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري !

تو وڪڻي سنڌ ڪي سو ڪير آهي؟
خريدڻ ڪير تو هي جنس چاهي؟
هي سودو ناهه، جخ آ، برملا ، هي !
تو ڏاهي ڪير فطرت جنهن ڪي ٿاهي؟

بلند آ ڏي وٺ ڪان سنڌ پياري !
ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري !

هزارين آيا اسڪندر ۽ دارا !
ڪري ويا ڪجهه گهڙيءَ لاءِ پنهنجي رارا !
مري ويا سنڌ جا ٿيا جيڪي مارا !
آ زنده سنڌ ۽ سنڌڙي جا پيارا !

ڄُتل آهي مرڻ ڪان سنڌ پياري !
ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري !

آٺـــــو، ســــــنڌي! اوهــــــان جــــــو امتحـــــــان آ !
مصــــــــيبت جــــــــو وڏو طوفـــــــان متـــــــان آ !
خطـــــــر ۾ ننـــــــگ ۽ نــــــاموس، جــــــان آ !
پيـــــو كــــــم ظـــــالم چـــــالاڪ ســـــان آ !

بچـــــايو بــــد نظــــر كـــــان ســــنڌ پيـــــاري !
ٿيــــون قربــــان تــــو تــــان ســــنڌ پيـــــاري !

تـــي سســـئي كيـــر ٿـــر مـــان ســـنڌ ســـاري !
۽ متـــــــڙي مـــــارئي ٿـــــــر مـــــــان نهـــــاري !
تـــي ســــهڻي ســـير ســـنڌو مـــان پكـــاري !
تـــي مومـــل دلـــڙي كــــوهيلريءَ ســـان ڏاري !

”چــــا توســـــان ويـــــل امـــــان، ســـــنڌ پيـــــاري !
ٿيــــون قربــــان تــــو تــــان ســــنڌ پيـــــاري !“

پٿــــــائيءَ جـــــــي آ بچـــــــڙن دل دكــــــائي !
ســــچل ســــواميءَ كــــي رنـــج آ انتهـــائي !
كئــي جـــنهن صـــوفي ســـالك ســـنڌ ســـائي !
تـــي هـــر عاشـــق كـــان نكـــري درد وائـــي !

”هـــي چـــو كلفـــت جـــو طوفـــان، ســـنڌ پيـــاري!“
ٿيــــون قربــــان تــــو تــــان ســــنڌ پيـــــاري !

اي دشـــــمن، ســـــنڌ جـــــا دشـــــمن، خبـــــردار!
چـــڏي ڏي ســـــنڌ تـــان قبضــــو، اي مكــــار!
چـــــڏي ڏي ســـــنڌ كـــــي آزاد، بـــــدكار!

غـــــريبن ڪــــــي، فقيـــــــرن ڪــــــي نــــــہ آزار !

ڪــــري ٿــــي دانهـــون هـــــر آن، ســــــنڌ پيــــاري !
ٿيــــــون قربــــــان تــــــو تــــــان ســـــــنڌ پيــــــاري !

---

# سلام سنڌ!

## منڪلام حيدربخش جتوئي "حيدر"

هي سنڌ پنهنجو ساهه آهه، جان آ، حيات آ !
هي پنهنجو روح راحت آهه، پنهنجي منڙي ذات آ !
هي پنهنجو بهار آ، باغ آ، برات آ !

اهو ئي پنهنجو ديس آهه اهڙو با صفات آ !
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ !

اي سنڌ تو مٿان سدا صلات آ سلام آ !
بهارين ۽ برڪتن جو مينهن تو تي عام آ !
عظيم تنهنجو شان آ، سعيد تنهنجو نام آ !
سدائين خوش رهين صنم، دعا هي صبح شام آ !

دعا هي صبح شام آ، دعا هي ڏينهن رات آ !
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ !

هي صوفين جو ديس آ، لطيف جي زمين هي !
هي سامي وارو آستان، مڪان عارفين هي !
سچل جو هت دراز آهه، ساز آهه دين هي !
هتي آ دين عشق و انس، آ بَلَد امين هي !

هت آ بشر برادري، هتي نه ذات پات آ !
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ !

اي سنڌ تنهنجو نيڪ نام ۽ وقار خوش رهي !
اي سنڌ تنهنجو فيض عام ۽ سُڪار خوش رهي !

جو هند ۾ آ، سنڌ ۾ آ تنهنجو يار خوش رهي !
جو تنهنجو يار غار آ، هزار بار خوش رهي !

اهو ئي پنهنجو شعر آ، بيان آهه، بات آ !
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ !

اي سنڌ تنهنجي سرزمين جو هر ذرو ذرو، هوا مٺي !
هوا مٺي، نوا مٺي، زبان جي هر ادا مٺي !
ثقافت آ، ضيافت آ، شرافت آهه چا مٺي !
اسان جي لاءِ سنڌ ! تنهنجي آب عزت آ مٺي !

اهائي پنهنجي تاڻ آ، اهائي پنهنجي تات آ !
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ !

مِٺو آ تنهنجو شهر ٻر هي کير تر ملهير تر !
سٺو آهي تنهنجو ساهتي، سرو ۽ لاڙ پار ڪر !
منهين دڙو، ٺٽو نگر، ڪراچي، روهڙي، سکر !
لذيذ شهر حيدر[2] آهه، سنڌ جو دل ۽ جگر !

ارم اهوئي آهه هو نه وهم ۽ واهيات آ !
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ !

سدائين سنڌو سنڌ مان رهي وسي، هلي چلي !
انهيءَ جي کير پير مان ٿي سنڌ سب ڦلي ڦلي !
انهيءَ جي پاڪ رس منجهان پچو پچو جئي پلي !
انهيءَ لئي سلسبيل کي زبان تي آ: ”بلي بلي“ !

هي عزو شان نه نيل کي، نه مٺ سندس فرات آ !
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ !

هي چا جي لئي شڪار آهه، جهنگ ۾ بزار آ !
چو عيش برقرار آهه، ڏيهه ۾ ڏڪار آ !

[2] حيدرآباد (سنڌ)، جو لفظ هن شعر جي وزن ۾ نٿو اچي سگهي.

غريب سنڌ جي مٿان هي بار بار بار آ !
هي رشوتن نوازشتن غلامين جو چار آ !

هي لهو لعب جرم جي وسيع واردات آ،
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ.

غريب هي ديار آ، غليظ هٿ شڪار آ !
مدار ملڪ جو مڙئي گداگري اڌار آ !
ٿيو چنبي سامراج ۾ شڪاري اڄ شڪار آ !
شڪار سان شراب آهه ڳڌ تہ شر شرار آ !

هي صاف صاف بات آ، بيان واقعات آ !
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ !

شڪار عيش بند ٿئي، ڪلام حق بلند ٿئي !
علوم جو فنون جو شعاع ٿئي سڳند ٿئي!
حسين ڪاروبار ساڻ هر ڪو ارجمند ٿئي!
مزور هاري حق لهي، محن مان پورهيو قند ٿئي!

آدم قدم حيات آهه، عيش ۾ ممات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

چو سنڌ سان آ دشمني قديم پاڪ نام سان!
مٿي بدلجي ڪئين تو حلال حق حرام سان!
دغا ۽ ڌوڪو ڪيسيتائين هلندو هي عوام سان!
چو زور ظلم جبر آهه، جاري احتشام سان؟

ڪري جو توسان دشمني ڪمينو آ ڪُڌات آ!
اي سنڌ تومٿان سدا سلام آ صلات آ!

اي بي خبر ستمگر، اسان سان جنگ بند ڪر!
سڏائي ياءُ ياءَ تي قبر تفنگ بند ڪر!
جفا جا جيل ٽوڙ سوخت پتنگ بند ڪر!
چڏي ڏي جند سنڌ جي، هي ڊونگ ڍنگ بند ڪر!

اصول پائيپي فقط خلوص التفات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

اٿو اٿو اي سنڌيو! ڪُلهن مٿي ڪفن ڪيو!
”فنا ۾ آ بقا“ برپا اها ئي انجمن ڪيو!
سڀوري سنڌ سان اهو سچو پڪو وچن ڪيو!
ڏسو ٿا ويٽ نام ۾ ته ڪهڙو ڪم اتن ڪيو!

جتي هي احتجاج آ: نجات آپگهات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

اي نوجوانو سنڌيو! جواني جوهر آ ڪٿي؟
جو سنڌ تي نثار ٿئي اهو دلاور آ ڪٿي؟
تباهه ناس خاڪ ٿيو عدو جو خنجر آ ڪٿي؟
بچاءَ سنڌ پياري لئي برپا ٿيو محشر آ ڪٿي؟

اُٿو اٿو ته صبح ٿئي، انڌاري ڪاري رات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

جهان ۾ ڪيئي ظالمن جا قيد ڪوٽ اُڏي ويا!
سپاهي هئا ڪ شير هئا دلير گهوٽ اُڏي ويا!
هو حق پرست جي هٿارون ڪائي چوٽ اُڏي ويا!
سهي سگهيا نه بت شڪن جي هڪ مروٽ اُڏي ويا!

جلايو جت به سومنات لات آ منات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

اي سنڌ تو حضور ۾ قبول هي ڪلام ٿئي!
عصائي انقلاب هي حقير جو سلام ٿئي!
جوان پير مرد زن ۾ جوش عام جام ٿئي!
جو سنڌ لئي عذاب آهه ناس سو نظام ٿئي!

هي آرزوئي حيدر آ، اها راه نجات آ!
اي سنڌ تو مٿان سلام آ صلات آ!

---

پورو ٿيو.

# VOICEOFSINDH E-BOOK PUBLISHER

WWW.VOICEOFSINDH.NET